جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاه
جلد 17 | سومر 19 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 07 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 08

سڄي ملڪ ۾ دانش اسڪولن جو دائرو وڌايو پيو وڃي، هن وقت مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير ٿي چڪا آهن: وزيراعظم

دانش اسڪولن جو مقصد انهن ٻارن کي ملڪ جي ناليوارن تعليمي ادارن جي برابر پر انهن کان بهتر تعليم فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن اهي پنهنجي محنت، قابليت ۽ صلاحيتن سان ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن

سڄي ملڪ ۾ دانش اسڪولن جو دائرو وڌايو پيو وڃي ۽ هن وقت مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير ٿي چڪا آهن اڄ هتي پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت سان نه پر عوام جي خادم جي حيثيت سان موجود آهي

تقريب ۾ ڏيکاريل دستاويزي فلمون شاگردن جي تاثرات ۽ دانش اسڪولن مان تعليم پرائي نڪرندڙ شاگردن جي ڪاميابين ڪيس تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي

هُن زندگي جي مشڪلاتن جي باوجود اميد نه ڇڏي ۽ ثابت قدمي سان پنهنجي جدوجهد جاري رکي، سندس والد محنتي ۽ تعليم سان پيار ڪندڙ پاڪستاني آهي

پاڪستان ۾ لکين ذهين ۽ باصلاحيت ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن جيڪي پنهنجي محنت، قابليت ۽ مسلسل ڪوشش سان نه رڳو پنهنجي زندگي بدلائي سگهن ٿا

پاڪستان کي دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي صف ۾ شامل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا دانش اسڪولن جو دائرو هاڻي پنجاب کان ٻاهر نڪري هاڻي پُوري پاڪستان ۾ پکڙجي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته مالي وسيلن جي کوٽ لکين ذهين ٻارن جي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار ۽ اڳتي وڌڻ جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي، دانش اسڪولن جو قيام غريب ۽ مستحق ٻارن کي معياري تعليم جا برابر موقعا فراهم ڪرڻ جي وزن جو حصو آهي، دانش اسڪولن جو مقصد انهن ٻارن کي ملڪ جي ناليوارن تعليمي ادارن جي برابر پر انهن کا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف دانش اسڪولن جو افتتاح ڪندي

وزيراعظم پاران دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان صوبي جي ڪوئيٽا، نوشڪي ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

بلاول ڀٽو زرداري پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش

ڪراچي/ اسلام آباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪارساز سانحي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پيپلزپارٽي سدائين قانون موجب ئي ايمرجنسي لاڳو ڪئي آهي: بلاول ڀُٽو زرداري

پيپلز پارٽي هميشه آئيني ۽ قانوني طريقي سان ايمرجنسي نافذ ڪئي. مولانا فضل الرحمان اپوزيشن اڳواڻ جي حيثيت سان اسان تي سياسي تنقيد ڪرڻ جو حق رکي ٿو

پر ڪيس دهشتگرديءَ جي خلاف پڻ ڪوليءَ ريت ڳالهائڻ گهرجي سانحه ڪارساز جي شهيدن جي 19 هين ورسي جي موقعي تي تقريب کي خطاب

18 آڪٽوبر ملڪي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي دهشتگرديءَ ذريعي ڪيس نشانو بنائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

استقباليه جلوس ۾ شرڪت ڪندڙ ڪارڪنن پنهنجون جندڙيون نذرانو ڏئي پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي. شهيدن ڪارساز جون قربانيون هن ڳالهه جون شاهد آهن ته دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ تشدد جمهوريت جي عزم کي متزلزل نه ٿا ڪري سگهن

پيپلز پارٽي جا ڪارڪنن دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي ذميواري سمجهن ٿا. شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي آخري جلسي ۾ پڻ نشاندهي ڪئي هئي ته ڪجهه قوتون سوات ۾ پاڪستان جي عملداري نٿيون ڏسڻ چاهين

2008ع ۾ حڪومت ٺاهڻ کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ سوات دهشتگردن خلاف ڪاروائين جو آغاز ڪيو ۽ بينظير ڀٽو جو واعدو پورو ڪيو دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد جي نتيجي ۾ دهشتگردن کي شڪست ڏني ويندي

ڪراچي (بيورو چيف رپورٽر منصور چانڊيو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري جي صحيح ڪان سواءِ برپختونخوا ۾ ايمرجنسيءَ جو نفاذ ممڪن نه هو پيپلز پارٽي هميشه آئيني ۽ قانوني طريقي سان ايمرجنسي نافذ ڪئي. مولانا فضل الرحمان اپوزيشن اڳواڻ جي حيثيت سان اسان تي سياسي تنقيد ڪرڻ جو حق رکي ٿو پر ڪيس دهشتگرد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

Martyrs of 18 October 2007
Peoples Shohda Gallery Shohda Committee
ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪندي

پيپلزپارٽي پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19 هين ورسي سڄي سنڌ ۾ ملهائي وئي

پاڪستان پيپلز پارٽي پاران سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصالِ ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيه تقريبون منعقد

پيپلز پارٽي ڪراچي جي ضلعي ڏکڻ پاران خالق ڏنو هال ۾ ڪارساز جي شهيدن جي 19 هين ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، جاويد ناگوري ۽ ٻين اڳواڻن ۽ عورتن توڙي مرد ڪارڪنن شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي 19 هين ورسي سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

جمهوري قدرن جو تحفظ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قربانين جي تقاضا آهي: آصف زرداري

صدر آصف علي زرداري پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش

ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان جي قومي تاريخ جو هڪ روشن باب آهن

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

نارروال: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪندي

خيبرپختونخواه ۾ حالتون ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي رهيون هيون، ايمرجنسي اڳ ئي لاڳو ٿيڻ گهرجي ها: نوازشريف

کهڙي ملڪ ۾ وزيراعليٰ سرڪاري وسيلن سان وفاقي راڄڌاني تي حملو ڪندو آهي

صوبائي وسيلن کي اسلام آباد ۽ ٻين صوبن جي خلاف استعمال ڪرڻ ڪٿان جو طريقو آهي؟

لنڊن (م د) اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ(ن) جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

شيري رحمان پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش

بينظير ڀٽو جي وطن واپسي جمهوريت، عوامي حقن ۽ روشن مستقبل جي اميد جو پيغام آهي : شيري رحمان

عوام جي بالادستي ۽ آئيني حقن جي جدوجهد ۾ انهن کي هميشه ياد رکيو ويندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي نائب صدر شيري رحمان ڪارساز سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته 18/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

ڪارساز سانحي جي شهيدن جو مشن جمهوريت، امن ۽ عوامي خدمت ذريعي اڳتي وڌڻ هو: روبينه خالد

اسلام آباد (بيورو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي چيئرپرسن سينيٽر روبينه خالد ڪارس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

تڪراري بيان ڏيڻ جو شوق نه آهي، پارليامينٽ جي بالادستي چاهيون ٿا: مولانا فضل الرحمان

فيصل واوڊا جي بيان کان پوءِ اوهان ڇا سمجهو ٿا ته پنجاب يا سنڌ ۾ به گورنر راڄ لڳندو؟ جنهن تي مولانا واضح ڪيو ته بنيادي مسئلو اهو ناهي ته اتي به ايمرجنسي لڳندي

بنيادي ڳالهه اها آهي ته سپريم ڪير آهي؟ ڇا پارليامينٽ سپريم آهي؟ ته پوءِ فيصلا پارليامينٽ ڪري نه وري ڪنهن ٻئي هنڌ فيصلا ڪري انهي کي پارليامينٽ تي مڙهيو وڃي

اسلام آباد: جي يو آءِ مولانا فضل الرحمان پريس ڪانفرنس ڪندي

لاهور (م د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

وفاقي وزير شزا فاطمه خواجا ڏکڻ ڪوريا رواني

پاڪستان "ڊجيٽل اينڊ اي آءِ ڪمپيڪٽ" تي صحيحون ڪندڙ دنيا جو پهريون ملڪ بڻجندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان "ڊجيٽل اينڊ اي آءِ ڪمپيڪٽ" تي صحيحون ڪندڙ دنيا جو پهريون ملڪ بڻجڻ وڃي رهيو آهي، وفاقي وزير شزا ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

نومبر تائين توانائي جي ضرورتن جو انتظام ڪري ورتو آهي: ناڻي وارو وزير

ايران جنگ سبب توانائي جي وڌندڙ عالمي قيمتن جي شروعاتي اثرن کان پاڪستان هينئر تائين منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي

ملڪ ۾ نه تيل جي کوٽ پيدا ٿي، نه پيٽرول پمپ تي قطارون لڳيون ۽ نه ئي امن امان جي اهڙي صورتحال پيدا ٿي جيئن ٻين ملڪن ۾ ڏٺي وئي

پاڪستان نومبر تائين لاءِ توانائي جي ضرورتن جو انتظام ڪري ورتو آهي هاڻ سياري جي مهينن لاءِ منصوبه بندي ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ايران جنگ سبب توانائي جي وڌندڙ عالمي قيمتن جي شروعاتي اثرن کان پاڪستان هينئر تائين منهن ڏيڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي پر عرب ملڪن ۾ توانائي جي بنيادي ڍانچي تي حملا ملڪي معيشت جي لاءِ گهٽتي جو سبب آهن. فرانسيسي خبرون ڏيندڙ اداري کي انٽرويو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

سنڌ حڪومت پاران نيشنل گيمز جي ڪاميابيءَ کانپوءِ سنڌ اسپيشل گيمز 2026ع جي انعقاد جو اعلان

جنهن ۾ سڄي سنڌ مان 800 کان وڌيڪ خاص رانديگر ۽ رانديگرياڻيون سنڌو سنئون حصو وٺندا

سنڌ اسپيشل گيمز ۾ بااختيار ماڻهن واري کاتي (DEPD) جي ڪيٽيگري ۾ 550 اوپن ڪيٽيگري ۾ 250 خاص رانديگر حصو وٺندا

رانديگرن جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ، انهن جي صلاحيتن کي نمايان ڪرڻ ۽ انهن کي معاشري جو فعال ۽ بااعتماد حصو بڻائڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت نيشنل گيمز جي ڪامياب انعقاد کانپوءِ خاص صلاحيتن واري رانديگرن لاءِ "سنڌ اسپيشل گيمز 2026ع" ايندڙ مهيني 4 کان 6 نومبر تائين سکر ۾ منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جنهن ۾ سڄي سنڌ مان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سيڪيورٽي فورسز جو بلوچستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، فتنه الهندستان جا 8 دهشتگرد مارجي ويا

ڪارروائيون فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪيون ويون

ڪوئيٽا جي علائقي پنجپائي ۾ دهشتگردن مقامي ٽريفڪ کي روڪڻ لاءِ روڊ تي رڪاوٽون بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي

جنهن کي سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ ڀارت جي حمايت يافته 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

راولپنڊي (بيورو) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعن ڪوئيٽا، نوشڪي ۽ خضدار ۾ 17 آڪٽوبر 2026ع تي انٽيليجنس جي بنياد تي 3 آپريشنز ۾ 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو پاڪ فوج جي تعلقات عامه واري شعبي (آءِ ايس پي آر) مان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان تاجڪستان جو اعزازي قونصل جنرل ملاقات ڪندي

گورنر سنڌ سان تاجڪستان جي اعزازي قونصل جنرل جي ملاقات

جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ خيالن سهڪار وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

زراعت، تعليم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سان تاجڪستان جي اعزازي قونصل جنرل ارشاد علي ايس قاسم گورنر هائوس ۾ ملاقات/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

سردار علي شاهه پاران ٽيچر لائسنسنگ پاليسي کي عالمي مڃتا ملڻ اهم ڪاميابي قرار

سنڌ حڪومت جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي کي عالمي سطح تي مڃتا حاصل ٿي آهي: سردار شاهه

جتي ڇهن ملڪن جي نمائندن استادن جي پيشورانه تربيت، تدريسي معيار ۽ تعليمي نظام ۾ بهتري لاءِ سنڌ جي تجربن مان سکڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي

سنڌ جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي تعليم ۽ تدريس جي شعبي ۾ پاڪستان جي سڌارن واري قيادت جي عڪاسي ڪري ٿي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي کي عالمي سطح تي مڃتا حاصل ٿي آهي، جتي ڇهن ملڪن جي نمائندن استادن جي پيشورانه تربيت، تدريسي معيار ۽ تعليمي نظام ۾ بهتري لاءِ سنڌ جي تجربن مان سکڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

سانحي ڪارساز ۾ وهندڙ رت اڄ به جمهوريت جي سڀ کان مضبوط ديوار (فصيل) آهي: ناصر شاهه

اسان مٽيءَ کي رت سان سجايو آهي، ڪوبه اسان جي جڙن کي ڪٽڻ جو سوچي به نٿو سگهي

بينظير ڀٽو جي پهرين ۽ آخري ڍال جيالا هئا، جن بم ڌماڪن کي پنهنجي سينن تي روڪيو

ڪارساز جي شهيدن پاڪستان جي تقدير کي پنهنجي رت سان پيهر لکيو، اهو قرض هاڻي نسلون لاهينديون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه شهداءِ ڪارساز کي سرخ سلام پيش ڪندي چيو آهي ته سانحي ڪارساز ۾ وهندڙ رت اڄ به جمهوريت جي سڀ کان مضبوط ديوار (فصيل) آهي. 18 آڪٽوبر جو سڄ گواهه آهي ته بارود جي بوءِ تي وفاداريءَ جي خوشبو هميشه ڀاري (غالب) رهي. هن چيو ته اسان مٽيءَ کي رت سان سجايو آهي، ڪوبه اسان جي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ايمرجنسي واپس وٺڻ جي شرط تي ڳالهيون نه ٿينديون: راڻا ثناءُ الله

وزيراعظم چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرن جي مقرريءَ لاءِ مخالف ڌر جي اڳواڻ کي ٻه خط لکيا آهن، هاڻي جواب جو انتظار آهي

خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت واپس وٺڻ جي شرط تي پي ٽي آءِ سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن

البت پي ٽي آءِ دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سهڪار ڪري ته ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي

وزيراعظم ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ جي ملاقات لاءِ ڪا ٽين جاءِ مقرر نه ٿيندي، ملاقات وزيراعظم هائوس ۾ ئي ٿيندي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته وزيراعظم چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرن جي مقرريءَ لاءِ مخالف ڌر جي اڳواڻ کي ٻه خط لکيا آهن، هاڻي جواب جو انتظار آهي، هن چيو ته مخالف ڌر جو اڳ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

پشاور سانحو، اسڪولي عمارتون زبون حالي جو شڪار قرار

سوشل ميڊيا تي سامهون آيل زبون حال اسڪولن جي عمارتن جو معائنو ڪيو پيو وڃي

پشاور جي دير ڪالوني واري علائقي ۾ هڪ خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب 32 ٻار ۽ 2 عورت استاد فوت ٿي ويا هئا

پشاور (م د) پشاور جي دير ڪالوني واري سانحي کانپوءِ خيبرپختونخوا صوبي ۾ تعليمي ادارن جي عمارتن جي حفاظتي جاچ جو عمل شروع /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

قيادت جو حڪم آهي ته سمورن شهيدن کي نه رڳو ياد رکيو وڃي، پر انهن جي وارثن سان وڌ کان وڌ رابطو پڻ رکيو وڃي: سعيد غني

انهن جي وارثن سان وڌ کان وڌ رابطو پڻ رکيو وڃي. سانحي 12 مئي ۽ اهڙن ٻين واقعن ۾ ملوث ڪردار سڀني جي سامهون آهن

18 آڪٽوبر ۽ 27 ڊسمبر جا سانحا هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي هئا. پيپلز پارٽي جي حڪومت اچڻ کانپوءِ ٻنهي واقعن جي جاچ ڪرائي وئي

اسڪاٽ لينڊ يارڊ توڙي گڏيل قومن کي به جاچ جي عمل ۾ شامل ڪيو ويو، پر بدقسمتيءَ سان عدالتن ۾ ڪيسن جو نتيجو اهو نڪتو جو جوابدار بري ٿي ويا

سانحي ڪارساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي سندن قربانين کي ياد ڪيو ۽ شهيدن جي وارثن سان مسلسل رابطي ۾ رهڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت جو حڪم آهي ته سمورن شهيدن کي نه رڳو ياد رکيو وڃي، پر انهن جي وارثن سان وڌ کان وڌ رابطو پڻ رکيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي ۾ ڪارروائي، 5 جوابدار گرفتار

بين الصوبائي انساني اسمگلنگ ۾ ملوث پنج جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

گرفتار جوابدار غيرقانوني افغان شهرين کي حب مان ڪراچي منتقل ڪندا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي سرجاني ٽائون ۾ پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ ضلعي ويسٽ پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي بين الصوبائي انسان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ايف آءِ اي جي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل ڪراچي اميگريشن فراڊ جي متاثر شهري کي 11 لک رپيا واپس ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (رپورٽر) وفاقي تحقيق جي اداري (ايف آءِ اي) جي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

لاهور: وفاقي وزير عمران شاهه شيلڊ ڏئي رهيو آهي

هم جنس پرستن جي شادي لاءِ ٿائلينڊ ويندڙ 2 پاڪستاني آف لوڊ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايئرپورٽ تي ايف آءِ اي اميگريشن عملي ٻن پاڪستاني مسافرن کي آف لوڊ ڪري ڇڏيو. ايف آءِ اي اختياري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

اين سي سي آءِ اي ڪراچي شاهراهِ فيصل تي قائم هڪ غيرقانوني بين الاقوامي ڪال سينٽر ڇاپو

ان جي مالڪ ياسر گلگتي سميت 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار آمريڪي بينڪن ۽ مالي ادارن جا نمائندا بڻجي شهرين کي فون ڪندا هئا

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) ڪراچي شاهراهِ فيصل تي قائم هڪ غير قانون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ واڌ

ڪراچي (رپورٽر) عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو رجحان برقرار آهي. آبنائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ٻارن کي سيسو مليل خوراڪ ڏيڻ تي نرسري مالڪياڻيءَ کي عمر قيد

بيجنگ (م د) چين جي هڪ عدالت 200 کان وڌيڪ ٻارن کي سيسو مليل خوراڪ ڏيڻ جي الز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني قبرستان ۾ سانحه ڪارساز جي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي

ٻينظير ڀٽو ڪنهن به ڌمڪيءَ جي پرواهه نه ڪندي وطن واپس آئي هئي: وقار مهدي

سانحي ڪارساز جا شهيد جمهوريت جي تاريخ جو اهم حصو آهن ۽ سندن قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو

پ پ ڪراچي اوير ضلعي پاران سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ دعائيه تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي تاريخي وطن واپسيءَ تي ڪراچي ۾ ٿيل ڪارساز آپگهاتي حملي کي 19 سال مڪمل ٿي ويا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

مولانا تي تنقيد ڪندڙ اسٽيبلشمينٽ جي ڇوڙ تي بيان ڏئي پنهنجي نوڪري پڪي ڪري رهيا آهن، مرڪزي رهنما مولانا عبدالغفور حيدري

جيڪب آباد (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ۽ قومي اسيم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

سنڌ حڪومت جي ميزبانيءَ ۾ سکر ۾ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چئمپئن شپ 2026ع جي شروعات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ميزبانيءَ ۾ "نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چئمپئن شپ / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

واٽر ڪارپوريشن جي اعليٰ عملدارن پاران آفيسرن جي وارثن جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

رحمت الله مگسي جي پيءُ ۽ اي اي اي فيصل رفيع جي والد محترم جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

پيارن جي وڇوڙي سبب لاڳاپيل آفيسرن ۽ سندن خاندانن کي پهتل ڏک هڪ ناقابلِ تلافي نقصان آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي ۽ چيف آپريٽنگ آفيسر انجنيئر اسدالله/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڪراچي ۾ ڏيڍ ڪروڙ جي سون جي مبينا ڦر جو ڊرامو ڦڙرو

پوليس گهر جي ڊرائيور سميت ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

واقعو ڦر جو نه، پر خانداني تڪرار جو نتيجو هو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڊفينس فيز 8 ۾ ڏيڍ ڪروڙ رپين جي سون جي مبينا ڦر جو معمو حل ٿي ويو پوليس گهر جي ڊرائيور سميت ٻن جوابدارن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

اسلام آباد جي مشهور ايچ نائن آچر بازار جي بندش خلاف واپاري سراپا احتجاج

سوين واپارين اچ ايچ نائب آچر بازار جي ٻاهران ڌرڻو هنيو ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي (سي ڊي اي) جي خلاف نعرا لڳايا

حفاظتي انتظامن ۾ ڪوتاهين کي ختم ڪرڻ جي بجاءِ سموري بازار کي بند ڇو ڪيو ويو آهي

بازار جي بندش سبب اسان جي آمدني رڪجي وئي آهي مالي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي راڄڌاني اسلام آباد جي مشهور ايچ نائن آچر بازار جي بندش خلاف دڪاندارن احتجاج ڪندي بازار فوري کولڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. سوين واپارين اچ ايچ نائب آچر بازار جي ٻاهران ڌرڻو هنيو ۽ ڪيپيٽل ڊوا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

اسلام آباد: اسلام آباد جي مشهور ايچ نائن آچر بازار جي بندش خلاف واپاري سراپا احتجاج آهن

دهشتگردي ذريعي جمهوريت جي آواز دٻائڻ جون ڪوششون ڪامياب نه ٿي سگهيون: راجه پرويز اشرف

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي جي موقعي تي جمهوري قافلي کي دهشتگردي جو نشانو بڻايو ويو

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي عوامي خواهشن، جمهوري عزم ۽ آمريت خلاف جدوجهد جي علامت هئي

عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جانين جي قرباني پيش ڪندڙن جون قربانيون اسانجي جمهوري تاريخ جو روشن باب آهن: راجه پرويز اشرف

لاهور (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي مرڪزي پنجاب جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم راجه پرويز اشرف، جنرل سيڪريٽري سيد حسن مرتضيٰ ۽ اطلاعات واري سيڪريٽري شهزاد سعيد چيمه ڪاسازسانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاھ شيرازي
سومر 19 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 07 جمادي الاول 1448ھ

جمهوريت جو سڄ ايرندو يا ٻڏي ويندو؟

جمهوريت ڪنهن بہ ملڪ جي سياسي استحڪام، عوامي حقن ۽ قومي ترقيءَ جو بنياد هوندي آهي، پر جڏهن اقتدار جي سياست ۾ اصولن، پارلياماني بالادستي ۽ عوامي راءِ بدران طاقت، انتظامي اختيارن ۽ مخالفن کي دٻائڻ جي روش کي اهميت ڏني وڃي تہ جمهوريت جو مستقبل سوالن جي ور چڙهي وڃي ٿو. خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جي معاملي تي مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نواز شريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف جا بيان، گورنر فيصل ڪريم ڪنڊيءَ جا معدني وسيلن بابت اعلان ۽ مولانا فضل الرحمان جا خدشا رڳو هڪ صوبي جي انتظامي صورتحال جو معاملو ناهن. پر اهي ملڪ ۾ جمهوريت، وفاقي اختيارن، صوبائي خودمختياري ۽ قدرتي وسيلن تي عوامي حقن بابت هڪ وڏي بحث کي جنم ڏين ٿا. نواز شريف جو چوڻ آهي تہ خيبر پختونخوا ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي چڪي هئي، تنهنڪري ايمرجنسي اڳ ئي لاڳو ڪرڻ گهرجي ها. سندس خيال ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف گذريل تيرهن سالن دوران صوبي کي نقصان پهچايو ۽ صوبائي وسيلن کي اسلام آباد خلاف سياسي سرگرمين لاءِ استعمال ڪيو. وزيراعظم شهباز شريف بہ موقف اختيار ڪيو آهي تہ حڪومت خاموش تماشائي بڻجي تباهي ڏسي نٿي سگهي ۽ حالتن سبب ايمرجنسي لاڳو ڪرڻي پئي. هن دعويٰ ڪئي تہ پي ٽي آءِ جي ڌرڻن ۽ لانگ مارچن سبب ملڪ جو نظام متاثر ٿئي ٿو ۽ حڪومت صوبي جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ وسيلا ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ٻئي طرف مولانا فضل الرحمان خدشو ظاهر ڪيو آهي تہ ايمرجنسي جي آڙ ۾ معدني وسيلن تائين پهچ حاصل ڪرڻ ۽ آمريڪي سيڙپڪاريءَ لاءِ رستو کولڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي. گورنر فيصل ڪريم ڪنڊيءَ جو اعلان آهي تہ معدنيات ڪڍي وڪرو ڪئي ويندي ۽ پاڪستاني توڙي پرڏيهي ڪمپنيون گڏيل منصوبن ۾ سيڙپڪاري ڪري سگهنديون. انهن بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ بحث رڳو امن امان تائين محدود ناهي، پر صوبي جي وسيلن جي استعمال، سيڙپڪاريءَ جي شرطن ۽ فيصلن ۾ مقامي ماڻهن جي حصيداريءَ جا سوال بہ ان سان ڳنڍيل آهن. معدني وسيلا ڪنهن بہ صوبي جي معاشي ترقيءَ لاءِ اهم آهن، پر انهن جي کوٽ ۽ وڪرو ڪرڻ جو عمل شفافيت، ماحولياتي تحفظ، مقامي آباديءَ جي رضامندي ۽ صوبائي مفادن کي نظر ۾ رکندي ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن انهن وسيلن مان حاصل ٿيندڙ آمدنيءَ جو مناسب حصو مقامي ماڻهن جي تعليم، صحت، روزگار، بنيادي ڍانچي ۽ امن امان تي خرچ ٿئي تہ اها ترقيءَ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي، پر جيڪڏهن وسيلن بابت فيصلا عوام کي اعتماد ۾ وٺڻ کانسواءِ ٿيندا تہ شڪ ۽ بيچيني وڌڻ جو امڪان رهندو. ساڳئي وقت دهشتگرديءَ جي سنگين مسئلي کي بہ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. خيبر پختونخوا جي عوام ۽ سيڪيورٽي ادارن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. تنهنڪري امن جي قيام لاءِ حڪومت جي ذميواري آهي تہ اثرائتا قدم کڻي. پر سوال اهو آهي تہ ڇا امن امان جي خراب صورتحال جو حل چونڊيل صوبائي حڪومت کي هٽائڻ يا غيرمعمولي انتظامي اختيار لاڳو ڪرڻ ۾ آهي، يا آئيني حدن اندر رهندي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي گڏيل ڪوشش، پارلياماني نگراني ۽ عوامي جوابدهيءَ ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ گهرجي؟ ايمرجنسي جهڙا قدم جيڪڏهن ضروري قرار ڏنا وڃن تہ انهن جا واضح آئيني بنياد، محدود اختيار، مقرر مدي، آزاد نگراني ۽ عدالتي جائزي جا امڪان عوام آڏو رکڻ لازمي آهن. رڳو سياسي مخالفن تي الزام هڻڻ سان نہ دهشتگردي ختم ٿيندي ۽ نہ ئي صوبائي عوام جا مسئلا حل ٿيندا. هتي مسلم ليگ (ن) جي سياسي تاريخ بابت بہ سوال اٿن ٿا. ملڪ جي سياسي تاريخ ۾ مسلم ليگ (ن) تي بار بار اها تنقيد ٿيندي رهي آهي تہ ان اقتدار تائين پهچڻ ۽ سياسي طاقت برقرار رکڻ لاءِ مختلف دورن ۾ فوجي آمرن ۽ طاقتور حلقن سان ناتو رکيو. ان تنقيد جو حوالو ڏيندي اڄ اهو سوال بہ پڇيو پيو وڃي تہ ڇا اهائي جماعت، جيڪا مختلف وقتن تي جمهوريت ۽ ووٽ جي عزت جا نعرا هڻندي رهي آهي، هاڻي سياسي مخالفن خلاف غيرمعمولي انتظامي قدمن جي حمايت ڪري پنهنجي پراڻي سياسي روش کي ورجائي رهي آهي؟ ساڳئي وقت پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي جمهوري سجاڳ ۽ ماضيءَ ۾ جمهوريت لاءِ ڏنل قربانين کي نظر ۾ رکندي بہ اهو سوال اهم آهي تہ ڇا اها جماعت بہ ن ليگ جي اهڙي طرز سياست تي عمل پيرا ٿي رهي آهي، جنهن ۾ اقتدار ۽ انتظامي طاقت کي پارلياماني اختلافن کان مٿانهون سمجهيو وڃي؟ پيپلزپارٽيءَ جي موجوده ڪردار بابت ڪو بہ قطعي فيصلو ڪرڻ بدران ان جي عملي قدمن، پارليامينٽ ۾ موقف، صوبائي خودمختياريءَ جي حمايت ۽ غيرمعمولي آئيني اختيارن بابت رويي جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. جمهوريت رڳو چونڊون ڪرائڻ، وزيراعظم ۽ وڏا وزير مقرر ڪرڻ يا سياسي جلسا ڪرڻ جو نالو ناهي؛ جمهوريت جو اصل مطلب اهو آهي تہ حڪومت عوام جي ووٽ سان قائم ٿئي، پارليامينٽ بااختيار هجي، صوبن کي پنهنجا آئيني حق حاصل هجن، مخالف ڌر کي اختلاف ڪرڻ جي آزادي هجي ۽ حڪومت پنهنجي فيصلن بابت عوام آڏو جوابده هجي. جيڪڏهن وفاقي حڪومت هر سياسي بحران جو حل ايمرجنسي، گورنر راڄ يا انتظامي پابندين ۾ ڳوليندي تہ ان سان جمهوريت بابت خدشا وڌندا. ساڳئي طرح جيڪڏهن صوبائي حڪومتون بہ پنهنجي آئيني ذميوارين کان غافل رهن، امن امان جي مسئلي کي سياسي بيان بازيءَ سان لڪائڻ جي ڪوشش ڪن يا صوبائي وسيلن کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪن تہ انهن کان بہ سوال ٿيڻ گهرجن. جمهوريت جو تحفظ ڪنهن هڪ جماعت جي حمايت يا مخالفت سان نہ، پر هڪجهڙن اصولن تي عمل ڪرڻ سان ممڪن آهي. سياسي پارٽين کي ياد رکڻ گهرجي تہ اڄ جيڪو اختيار پنهنجي مخالف خلاف استعمال ڪرڻ مناسب لڳي ٿو، سڀاڻي اهوئي اختيار سندن خلاف بہ استعمال ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ضروري آهي تہ حڪومت ۽ مخالف ڌر پنهنجي سياسي اختلافن کي آئيني دائري ۾ رکن. دهشتگرديءَ خلاف گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن ۽ معدني وسيلن بابت سڀ فيصلا شفاف نموني عوام آڏو پيش ڪن. آخرڪار سڀ کان اهم سوال اهو ئي آهي تہ ڇا ايندڙ وقت ۾ پاڪستان اندر جمهوريت جو سج هميشہ لاءِ ٻڏي ويندو، يا سياسي جماعتون پنهنجي ماضيءَ جي غلطين مان سبق سکي اهڙو ماحول پيدا ڪنديون، جنهن ۾ جمهوريت جو سج نئين اعتماد سان ايري؟ ان سوال جو جواب ڪنهن هڪ اڳواڻ جي بيان ۾ نہ، پر حڪمرانن جي عمل، پارليامينٽ جي بالادستي، عدالتي آزادي، صوبائي خودمختياري، آزاد صحافت ۽ عوام جي ووٽ جي احترام ۾ لڪل آهي. جيڪڏهن سياسي جماعتون اقتدار کي مقصد ۽ جمهوريت کي رڳو نعرو بڻائينديون رهيون تہ جمهوريت ڪمزور ٿيندي؛ پر جيڪڏهن اهي پنهنجي مفادن کان مٿانهون ٿي آئين، عوامي حقن ۽ پارلياماني نظام جو دفاع ڪنديون تہ جمهوريت جو سج ٻڏڻ بدران وڌيڪ روشن ٿي سگهي ٿو.

حڪمرانن جا واعدا، عوام جا اڌورا خواب

غلام مصطفيٰ جمالي

واعدا ڪرڻ آسان آهي، پر انهن کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ جنهن احساس، ايمانداري ۽ ذميواريءَ جي ضرورت هوندي آهي، سا هر حڪمران وٽ نظر نٿي اچي. پاڪستان جي تاريخ ۾ اهڙن واعدن جي کوٽ ناهي، جن جي آسري عوام بهتر مستقبل جا خواب ڏٺا. پنهنجن ٻچن جي روشن سڀاڻي جون اميدون ٻڌيون ۽ ڏکين حالتن ۾ اهو سوچي صبر ڪيو تہ شايد ايندڙ وقت سندن زندگيءَ ۾ خوشحالي، سکون ۽ آسانيون کڻي ايندو پر وقت گذرندو رهيو، حڪومتون تبديل ٿينديون رهيون، سياسي نعرا نون لفظن ۾ ورجايا ويندا رهيا، جڏهن تہ عام ماڻهو اڄ بہ پنهنجن پراڻن مسئلن سان زندگيءَ جي گاڏي ڌڪي رهيو آهي.

پاڪستان جو عام شهري ڪا غيرمعمولي گهر نٿو ڪري. هو رڳو اهو چاهي ٿو تہ سندس ٻارن کي سٺي تعليم ملي، گهر ۾ ڪو بيمار ٿئي تہ علاج لاءِ در در جون ٺوڪرون نہ کائڻيون پون، بجلي ۽ گئس جا بل پڙهڻ کان پوءِ گهر جو چلهہ بہ ٻرندو رهي، روزگار لاءِ سفارش ۽ رشوت جو سهارو نہ وٺڻو پوي ۽ سندس محنت سان ڪمايل پئسا سڄي مهيني جي خرچ پورا ڪري سگهن. اهي بنيادي ضرورتون آهن، جن کي ڪنهن بہ سڌريل سماج ۾ عياشي نہ، پر زندگيءَ جو عام حصو سمجهيو ويندو آهي. افسوس جو اسان وٽ اهي ئي ضرورتون لکين خاندانن لاءِ روزاني آزمائش بڻيل آهن.

چونڊن جي موسم ايندي ئي عوام سان واعدن جي برسات ڪئي ويندي آهي. مهانگائي گهٽائڻ، بيروزگاري ختم ڪرڻ، تعليم ۽ صحت جون سهولتون بهتر بڻائڻ ۽ غريبن جي زندگي آسان ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويندا آهن. سياسي جلسن ۾ ڪيل بلند آواز وارا واعدا ماڻهن جي دلين ۾ نيون اميدون پيدا ڪندا آهن. ڪو پيءُ پنهنجي بيروزگار پٽ لاءِ نوڪريءَ جو خواب ڏسندو آهي، ڪا ماءُ پنهنجي ڌيءَ جي تعليم مڪمل ٿيڻ جي اميد رکندي آهي ۽ ڪو پوڙهو پيءُ اهو سوچيندو آهي تہ شايد هاڻي سندس گهر ۾ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست اڳ کان آسان ٿي ويندو، پر جڏهن چونڊون ختم ٿينديون آهن ۽ اقتدار جا دروازا کلي ويندا آهن تہ انهن خوابن جو حساب ڪير ڏيندو آهي؟

اصل سوال اهو ناهي تہ حڪمرانن ڪيترا واعدا ڪيا، پر سوال اهو آهي تہ انهن مان ڪيترا پورا ٿيا ۽ جيڪي پورا نہ ٿيا، تن جا سبب ڪهڙا هئا؟ جيڪڏهن ڪنهن حڪومت کي معاشي مشڪلاتن، عالمي حالتن يا اڳوڻين پاليسين سبب مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو تہ عوام کي اعتماد ۾ وٺڻ سندس ذميواري آهي. ڏکيائين جي وضاحت ڪري سگهجي ٿي، ترجيحن تي بحث ٿي سگهي ٿو ۽ عوام کان صبر جي اپيل بہ ڪري سگهجي ٿي، پر اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ئي اثرائتو ٿيندو، جڏهن حڪمران پاڻ بہ سادگي، شفافيت ۽ جوابدهيءَ جو مثال قائم ڪندا.

عوام کان قرباني گهرڻ ڏکيو ڪم ناهي، پر قربانيءَ جو بار انصاف سان ورهائڻ اصل امتحان آهي. جيڪڏهن غريب ماڻهو پنهنجون ضرورتون گهٽائي، وچولو طبقو پنهنجن ٻارن جي تعليم ۽ علاج جي خرچن ۾ ڪٽوتي ڪري ۽ پورهيت خاندان وڌندڙ مهانگائيءَ آڏو بيوس ٿي وڃن، تہ پوءِ اختيارن جي ايوانن ۾ ويٺل ماڻهن کي بہ پنهنجين مراعتن، غيرضروري خرچن ۽ طرز حڪمرانيءَ تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. عوام اهو ڏسڻ چاهي ٿو تہ ڏکئي وقت ۾ قرباني رڳو عام ماڻهن کان نہ، پر حڪمرانن کان بہ شروع ٿئي.

مهانگائي رڳو انگن اکرن جو نالو ناهي. سرڪاري رپورٽن ۾ شين جي اگهن ۾ گهٽتائي يا واڌ جا جيڪي بہ انگ ڏنا وڃن، پر بازار مان خريداري ڪندڙ شهري پنهنجي کيسي جي حالت بهتر ڄاڻي ٿو. جڏهن اٽو، گيهہ، دالون، کير، بجلي، گئس ۽ سفر جا خرچ گهرجي بجيٽ کي مسلسل متاثر ڪن ٿا تہ محدود آمدنيءَ واري خاندان لاءِ زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو. پگهاردار ماڻهو مهيني جي شروعات ۾ خرچن جو حساب لڳائي ٿو، پر مهينو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي سندس بجيٽ جواب ڏئي وڃي ٿي. اهڙين حالتن ۾ معاشي ترقيءَ جا دعوائون تڏهن ئي عوام لاءِ اهميت رکن ٿا، جڏهن انهن جا اثر عام ماڻهن جي گهرن تائين بہ پهچن.

تعليم ۽ صحت جا شعبا بہ حڪمرانن جي ترجيحن جو آئينو آهن. غريب ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن کي پڙهائي لکائي بهتر مستقبل ڏيڻ چاهين ٿا، پر جڏهن تعليم جا خرچ سندن وس کان ٻاهر ٿي وڃن ٿا تہ انهن جا خواب اڌورا رهجي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح سرڪاري اسپتالن ۾ علاج، دوائن ۽ ضروري سهولتن جي کوٽ مريضن ۽ سندن خاندانن لاءِ وڌيڪ پريشاني پيدا ڪري ٿي. ڪنهن بہ رياست جي ڪاميابي رڳو وڏين سڙڪن، اوچين عمارتن ۽ نون منصوبن سان نٿي ماپي سگهجي؛ اصل معيار اهو آهي تہ عام شهريءَ کي تعليم، صحت، انصاف ۽ تحفظ جون سهولتون ڪيتري حد تائين ميسر آهن.

روزگار جي ڳولا ۾ پريشان نوجوانن جي اکين ۾ بہ ڪيترائي خواب آهن. هو تعليم حاصل ڪن ٿا، ڊگريون وٺن ٿا، امتحان ڏين ٿا ۽ مختلف ادارن جا در کڙڪائين ٿا، پر جڏهن قابليت کان وڌيڪ سفارش، لاڳاپن ۽ ناجائز طريقن جي اهميت وڌڻ جو تاثر پيدا ٿئي ٿو تہ نوجوانن جو اعتماد ٽٽي پوي ٿو. ڪنهن بہ ملڪ جي سڀ کان وڏي دولت ان جا نوجوان هوندا آهن. جيڪڏهن انهن کي پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪرڻ جا موقعا نہ ملن تہ سندن مايوسي رڳو ذاتي مسئلو نہ رهندي، پر قومي ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي ويندي. حڪومتن کي گهرجي تہ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ، فني سکيا، ننڍن ڪاروبارن ۽ اهليت جي بنياد تي ڀرتين کي پنهنجي عملي ترجيحن ۾ شامل ڪن.

اها بہ حقيقت آهي تہ پاڪستان کي معاشي دٻاءُ، قرضن، توانائيءَ جي مسئلن ۽ انتظامي ڪمزورين جهڙن سنگين چئلينجن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. انهن مسئلن جو حل رڳو نعرن ۽ اعلانن سان ممڪن ناهي. ان لاءِ مستقل معاشي رٿابندي، ٽيڪس جي نظام ۾ انصاف، پيداواري شعبن جي مضبوطي، زراعت ۽ صنعت جي ترقي ۽ سرڪاري وسيلن جي بهتر استعمال جي ضرورت آهي. جيڪڏهن حڪومتن جي تبديليءَ سان گڏ پاليسيون بہ بار بار تبديل ٿينديون رهن تہ سيڙپڪاري، روزگار ۽ معاشي استحڪام جا مقصد حاصل ڪرڻ ڏکيا ٿي ويندا. قومي مفادن وارن معاملن تي سياسي اختلافن باوجود گڏيل راءِ پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.

سياسي جماعتن کي بہ سمجهڻ گهرجي تہ عوام جي خدمت رڳو چونڊن جي منشور ۾ واعدا لکڻ جو نالو ناهي. مخالف ڌر جو ڪردار رڳو حڪومت تي تنقيد ڪرڻ نہ، پر عملي متبادل پيش ڪرڻ بہ آهي. جڏهن تہ حڪومت جي ذميواري اختلاف ڪندڙ آوازن کي دٻائڻ بدران دليل، ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڪارڪردگيءَ وسيلي اعتماد حاصل ڪرڻ آهي. پارليامينٽ کي عوامي مسئلن تي سنجيده بحث جو مرڪز بڻجڻ گهرجي، جتي مهانگائي، بيروزگاري، تعليم، صحت ۽ امن امان جهڙن موضوعن تي سياسي مفادن کان مٿانهون ٿي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وڃي. ميڊيا ۽ سماجي ادارن جو ڪردار بہ اهم آهي. واعدن ۽ عملي ڪارڪردگيءَ ۾ فرق عوام آڏو آڻڻ، سرڪاري منصوبن جي نگراني ڪرڻ ۽ ماڻهن جا مسئلا لاڳاپيل ادارن تائين پهچائڻ هڪ جمهوري سماج جي ضرورت آهي. ساڳئي وقت شهرين کي بہ پنهنجن حقن ۽ ذميوارين جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. جيڪڏهن چونڊن ۾ جذباتي نعرن بدران ڪارڪردگي، ڪردار، رٿابندي ۽ جوابدهيءَ کي اهميت ڏني وڃي تہ سياسي قيادت تي بهتر حڪمرانيءَ لاءِ دٻاءُ وڌندو. سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ عوام کي اميد کان محروم نہ ٿيڻ گهرجي. پر اميد کي بنا سوچڻ سمجهڻ جي اعتماد ۾ بہ تبديل نہ ڪرڻ گهرجي. جمهوريت ۾ عوام جو اختيار رڳو ووٽ ڏيڻ تائين محدود ناهي؛ چونڊيل نمائندن کان سوال ڪرڻ، سندن ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ ۽ قانوني توڙي آئيني طريقن سان جوابدهيءَ جو مطالبو ڪرڻ بہ شهرين جو حق آهي. جيڪو واعدو ڪيو وڃي، ان کي پورو ڪرڻ جو وقت بہ ٻڌايو وڃي؛ جيڪو منصوبو شروع ٿئي، ان جي اڳڀرائي عوام آڏو رکي وڃي ۽ جيڪو واعدو پورو نہ ٿي سگهي، ان جا سبب واضح ڪيا وڃن. اهڙي طريقي سان ئي اعتماد مضبوط ٿي سگهي ٿو. حڪمرانن کي ياد رکڻ گهرجي تہ عوام جي خاموشيءَ کي هميشہ اطمينان نہ سمجهڻ گهرجي. ڪڏهن اها خاموشي مهانگائيءَ جي بار هيٺ دٻيل خاندان جي هوندي آهي. ڪڏهن بيروزگار نوجوان جي. ڪڏهن سرڪاري اسپتال ۾ علاج جي انتظار ۾ بيٺل مريض جي وارثن جي ۽ ڪڏهن ان هاري جي، جيڪو پنهنجي فصل جي مناسب اگهہ جي انتظار ۾ قرضن جي بار کان پريشان هوندو آهي. انهن ماڻهن کي تقريرن کان وڌيڪ عملي قدمن جي ضرورت آهي. پاڪستان جو مستقبل رڳو حڪمرانن جي واعدن سان روشن نہ ٿيندو، پر انهن واعدن کي پورو ڪرڻ جي سنجيده ڪوشش سان روشن ٿيندو. قوم کي اهڙا فيصلا گهرجن، جن جا فائدا عام ماڻهوءَ تائين پهچن. اهڙيون پاليسيون گهرجن، جن ۾ انصاف ۽ شفافيت هجي ۽ اهڙو نظام گهرجي، جنهن ۾ اختيار سان گڏ جوابدهي بہ لازمي هجي. عوام هميشہ ڏکين حالتن ۾ ملڪ جو ساٿ ڏنو آهي؛ هاڻي حڪمرانن جو وارو آهي تہ اهي عوام جي اعتماد جو قدر ڪن. آخر ۾ سوال اهو ئي آهي، جيڪو هر گهر، هر بازار ۽ هر گهٽيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود آهي: عوام جي اکين ۾ سينگاريل خواب ڪڏهن حقيقت بڻجندا؟ جيڪڏهن حڪمران ان سوال جو جواب رڳو نين تقريرن ۽ نون واعدن سان ڏيندا رهيا تہ مايوسي وڌندي رهندي. پر جيڪڏهن اهي روزگار، مهانگائي، تعليم، صحت ۽ انصاف جي ميدان ۾ نتيجا ڏيکاريندا تہ عوام جو اعتماد ٻيهر حاصل ڪري سگهجي ٿو. قوم کي واعدن جي هڪ ٻي فهرست نہ، پر اهڙي حڪمراني گهرجي، جنهن ۾ لفظن کان وڌيڪ عمل ڳالهائي. دعوائن کان وڌيڪ نتيجا نظر اچن ۽ اقتدار کي مراعات نہ، پر عوام جي امانت سمجهيو وڃي.

'آڪٽوبر' سٺي خبر نہ آڻيندو آهي

مظهر عباس

11 آڪٽوبر 2026 تي، ڪي پي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي، ۽ اهڙي طرح هڪ چونڊيل حڪومت کي هڪ ڀيرو ٻيهر ٽوڙيو ويو جيڪو هن صوبي لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. سوال صرف اهو آهي تہ، هڪ غير چونڊيل، غير جمهوري حڪومت دهشتگردي ۽ انتهاپسنديءَ کي ڪيئن ختم ڪري سگهي ٿي جيڪا جنرل مشرف جي فوجي حڪمراني دوران ختم نہ ٿي سگهي هئي؟

پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) 2013 کان وٺي ٽئين ڀيري هن صوبي ۾ اقتدار ۾ آهي ۽ هاڻي ان تي طالبان جي سهولتڪاري جو الزام لڳايو پيو وڃي. سوال سادو آهي: هي جنگ ڪيئن شروع ٿي، ڪنهن ان جي حمايت ڪئي ۽ ڇا اسان هاڻي ان کان نجات حاصل ڪري سگهنداسين؟ 'غير مقبول' فيصلا بہ مقبول ماڻهو ڪندا آهن. بهرحال، ايمرجنسي جو هي دور ڏکيو لڳي ٿو فيض صاحب جي مطابق، اسان جي تاريخ اڳتي وڌڻ بدران پوئتي وڃي رهي آهي.

ڏک جي شام ڏکي آهي، پر اڃا شام آهي.

دهشتگردي جي مسئلي ۽ 'طالبان جي عنصر' کان علاوه، اهو پڻ هڪ حقيقت آهي تہ بغاوت ٻاهران نہ پر گهر مان/شهر ۾ اسان جي پنهنجي آفيس مان پيدا ٿي آهي. هڪ ڀيري مون مرحوم روئيداد خان کان پڇيو جيڪو منهنجي وقت جو هڪ تمام متنازع بيوروڪريٽ هو. سول سروس ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ توهان جي پهرين اسائنمنٽ ڇا هئي. هن چيو 'مان انهن 24 سول ملازمن ۾ شامل هوس جيڪي 1949 ۾ پاڪستان سول سروس ۾ شامل ٿيا. 12 اوڀر پاڪستان مان ۽ 12 اولهہ پاڪستان مان.'

مون کي پهريون ڀيرو سرحدي صوبي (اڳوڻي خيبرپختونخواهہ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو) موڪليو ويو تہ جيئن ريڊ روب موومينٽ ۽ ڪميونسٽن، جن ۾ سياستدان ۽ صحافي شامل هئا، تي ڪريڪ ڊائون ڪري سگهان. هن ڪريڪ ڊائون جي نتيجي ۾، ڪيترائي سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ زير زمين يا افغانستان هليا ويا.

بس ان کي خيبرپختونخواهہ ۾ کابي ڌرجي نظرياتي سياست جي خاتمي جي شروعات سمجهو. روئيداد خان چوي ٿو "رياست مسلم ليگ جي اندر ۽ ٻاهر کابي ڌرجي وڌندڙ مقبوليت کان پريشان هئي، خاص طور تي بنگال ۾. شايد اهو 1958 ۾ مارشل لا لاڳو ڪرڻ جو مکيہ سبب هو. نيشنل عوامي پارٽي خيبرپختونخواهہ، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ڪري رهي هئي، تنهن ڪري 'ون يونٽ' جو فيصلو پڻ هن زنجير جي هڪ ڪڙي آهي." "70 جي ڏهاڪي ۾، هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا، ايران ۾ ڪميونسٽ ٽوڊا پارٽي، ۽ پاڪستان ۾ کابي ڌر جي اتحاد اين اي پي جي لهر آمريڪا کي پريشان ڪيو هو."

انهيءَ رفتار کي ٽوڙڻ لاءِ، هڪ طرف، ذوالفقار علي ڀٽو اسلامي سوشلزم جو نعرو بلند ڪيو جڏهن تہ ٻئي طرف، ايران جي شاهہ جي دٻاءُ هيٺ، عراقي سفارتخاني ۾ 'هٿيارن' جي موجودگي بابت هڪ ڊرامو رچايو ويو ۽ پوءِ بلوچستان ۾ هڪ چونڊيل حڪومت کي برطرف ڪيو ويو جنهن سان نيپ ۽ بلوچ سياست کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو ويو هي بحران جي شروعات هئي، جنهن جو هڪ روپ اسان اڄ هن صوبي ۾ ڏسي رهيا آهيون. خيبرپختونخواهہ ۾، نيپ ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي چونڊيل حڪومت احتجاج طور استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.

ظاهري طور تي، 1973 جي آئين جي شقن کي بلوچستان کي رد ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو، جيئن 1973 جي آئين جي منظوري کان فوري بعد ملڪ ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي ۽ بنيادي انساني حقن کي معطل ڪيو ويو رستي ۾، اسان 1977 جي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ شهري دورن ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاهور ۾ 'مارشل لا' لاڳو ٿيندي ڏٺو آهي، پر هاڻي تائين اهو صرف 'هنگامي صورتحال' جو معاملو آهي. شڪر آهي تہ اهو ڪو 12 آڪٽوبر ناهي. اهڙن قدمن سان، اسان جون شهري حڪومتون اصل ۾ 'آئين' جي مدد سان غير جمهوري قدمن کي جائز قرار ڏين ٿيون. جيئن شاعر چيو آهي، "سيني جو چراغ ۽ وسامي ويندو، پر ڪنهن جو ٻہ واءُ نہ ٿيندو." ۽ پوءِ اهو ٿيو 5 جولاءِ 1977 تي، نہ ختم ٿيندڙ مارشل لا جو اعلان ڪيو ويو جنهن جي خلاف هڪ تاريخي جدوجهد شروع ٿي، پر ان کان اڳ، هڪ چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏني وئي، نہ رڳو اهو، جنرل ضياءَ هڪ طرف ڀٽو دور ۾ قيد ڪيل نيپ اڳواڻن کي آزاد ڪري ڀٽو ۽ پيپلز پارٽي خلاف اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ٻئي طرف، هن پاڪستان نيشنل الائنس جي اڳواڻن ۽ پارٽين جي حمايت حاصل ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي جيڪي 90 ڏينهن ۾ چونڊن جي واعدي تي 'نظام مصطفيٰ' جو نعرو لڳائي رهيا هئا.

پر جلد ئي انهن پارٽين کي احساس ٿيو تہ ضياءَ ڀٽو جي ڦاسي تائين انهن کي استعمال ڪري رهيو هو ايران ۽ افغانستان ۾ تبديلين جي نتيجي ۾، آمريڪا لاءِ پاڪستان جي اهميت وڌيڪ وڌي وئي، هڪ طرف، ايراني اسلامي انقلاب جو رستو روڪڻ لاءِ، ۽ ٻئي طرف، روس جي افغانستان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪميونسٽ انقلاب جو رستو روڪڻ لاءِ هن سڀ جي ڪم لاءِ، تهران ۾ آمريڪي سفارتخانو بند ٿيڻ کان پوءِ، اسلام آباد ۾ آمريڪي سفارتخانو علائقي ۾ سي آءِ اي جو ورچوئل هيڊ ڪوارٽر بڻجي ويو. 'افغان جهاد' لاءِ جنرل ضياءَ کان بهتر ڪير ماڻهو ٿي سگهي ٿو؟

هي خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان سميت ٻين صوبن ۾ ساڄي ڌر ۽ ڪجهہ مذهبي پارٽين جي مدد سان کابي ڌرجي رجحان کي روڪڻ جي ايندڙ دور جي شروعات هئي. جيتوڻيڪ ان جو مکيہ نشانو پيپلز پارٽي هئي. جڏهن تہ پنجاب ۾، هڪ طرف، ميان نواز شريف جي صورت ۾ ساڄي ڌرجي سياست کي فروغ ڏنو ويو، ۽ ٻئي طرف مذهبي پارٽين کي حمايت نہ ملي رهي هئي ۽ جي يو آءِ پنهنجو جمهوري رستو ڇڏڻ کان انڪار ڪيو هو جهاد افغانستان جو بہ حامي هو ۽ ملڪ ۾ آمريت جي خاتمي لاءِ جمهوري تحريڪ جو بہ حصو هو 'طالبان فيڪٽر' جي پوئين ڪردارن ۾ پيپلز پارٽي جي جنرل اختر عبدالرحمان، جنرل حميد گل ۽ جنرل نصيرالله بابر جا نالا سامهون اچن ٿا.

هڪ ڀيري جنرل حميد گل مون کي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ، "محمد خان جوڻيجو جي حڪومت جنيوا معاهدي جي ڪري پئي ۽ بعد ۾، مون پاڻ محترمہ بينظير کي واضح ڪيو هو تہ اسان جي افغان پاليسي ڇا هوندي." مرحوم حميد گل بعد ۾ عمران خان کان بہ اهو ئي ڪم ڪرائڻ چاهيو اهڙي طرح، اسان هن ملڪ کي انتهاپسنديءَ ڏانهن ڌڪي ڇڏيو ۽ اڄ اسان ان جي قيمت ادا ڪري رهيا آهيون. 9/11 کان اڳ ۽ پوءِ جيڪا دهشتگردي جي لهر آئي هئي اها هاڻي انتهاپسنديءَ جي صورت ۾ اسان جي سماج ۾ 'ڪينسر' وانگر پکڙجي چڪي آهي. عمران کي پهرين ڏينهن کان افغانستان ۾ طالبان لاءِ نرم گوشو رهيو آهي، جيتوڻيڪ جڏهن رياست طالبان سان گڏ هئي ۽ اڄ بہ جڏهن اسان جي پاليسي انهن جي خلاف آهي.

هاڻي سوال اهو آهي تہ عمران هڪ مشهور فرد هو هڪ ڪرڪيٽ هيرو، جيڪو ڪير سياست ۾ آندو، ڪنهن سندس حمايت ڪئي، هاڻي جڏهن تہ هو سڀ کان وڌيڪ مشهور آهي ۽ پي ٽي آءِ سڀ کان وڏي پارٽي آهي، 2013 کان خيبرپختونخواهہ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري رهي آهي، هو پنهنجي طريقي سان 'دهشتگردي' سان وڙهندو ۽ آپريشن جي مخالفت ڪندو، چاهي اهو علي امين هجي يا سهيل آفريدي. ڪڏهن هو ريڊ ڪراس کي تباهہ ڪندو، ڪڏهن نيشنل عوامي پارٽي، ڪڏهن اي اين پي، پوءِ هي 'فڪٽر' سامهون ايندو، چاهي اهو نواز شريف هجي، آصف زرداري هجي يا ڪو ٻيو. اهو هڪ ڏکوئيندڙ بحث آهي، بس تاريخ مان سکيو جيتوڻيڪ غير جمهوري رويو آئيني هجي، اهو غير جمهوري رهندو

بقايا *** 01

ءِ جي خلاف پڻ کليءَ ريت ڳالهائڻ گهرجي. سانحہ ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ۽ چيو تہ 18 آڪٽوبر ملڪي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي دهشتگرديءَ ذريعي کيس نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. استقباليہ جلوس ۾ شرڪت ڪندڙ ڪارڪنن پنهنجون جانيون نذرانو ڏئي پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي. شهيدن ڪارساز جون قربانيون هن ڳالهہ جو شاهد آهن تہ دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ تشدد جمهوريت جي عزم کي متزلزل نہ ٿا ڪري سگهن. هن چيو تہ پيپلز پارٽي جا ڪارڪن دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي ذميواري سمجهن ٿا. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي آخري جلسي ۾ پڻ نشاندهي ڪئي هئي تہ ڪجهہ قوتون سوات ۾ پاڪستان جي عملداري نٿيون ڏسڻ چاهين. 2008 ع ۾ حڪومت ٺاهڻ کان پوءِ پيپلز پارٽيءَ سوات دهشتگردن خلاف ڪاروائين جو آغاز ڪيو ۽ بينظير ڀٽو جو واعدو پورو ڪيو. دهشتگرديءَ خلاف جدوجهد جي نتيجي ۾ دهشتگردن کي شڪست ڏني ويندي. بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ ماضي ۾ جيلن مان دهشتگردن کي آزاد ڪرائڻ جو فيصلي جو خميازو اڄ پاڪستان ڀوڳي رهيو آهي. ملڪ هڪ دفعو ٻيهر اهڙي صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي جتي ڪجهہ قوتون سوات مان پاڪستان جو جهنڊو لاهڻ چاهين ٿيون. خيبر کان خضدار تائين دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪيو پيو وڃي. هن خيبرپختونخوا جي اعليٰ وزير (وزيراعليٰ) سهيل آفريدي تي تنقيد ڪندي چيو تہ هو پنهنجي ڌرتيءَ جو دفاع ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، پر پيپلز پارٽي سان مقابلي لاءِ تيار آهي هن چيو تہ سانحہ ڪارساز جا ثبوت مٽايا ويا هئا، جڏهن تہ پيپلز پارٽي دهشتگردي جو مقابلو ڪندي رهي آهي. هاڻي پورو سماج دهشتگرديءَ خلاف بيهي چڪو آهي ۽ پاڪستان جو هر شهري هن جنگ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ ملڪ ۾ پرامن ماحول قائم ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. پر اڃا اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب مڪمل طور تي پورو ٿي ويو آهي پيپلز پارٽي جي چيئرمين سياسي مفاهمت جي اهميت تي زور ڏيندي چيو تہ تحريڪ بحالي جمهوريت دوران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مخالفت ڪندڙ جماعتن سان پڻ ملي ڪري جدوجهد ڪئي وئي. شهيد بينظير ڀٽو جمهوريت لاءِ مفاهمت جو رستو اختيار ڪيو ۽ 1988 ع ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ پڻ سياسي سمجهوتا ڪرڻا پيا. هن جو چوڻ هو تہ ارڙهين آئيني ترميم سڀني ڌرين جي اتفاق راءِ ۽ ڳالهين ذريعي منظور ٿي. سياست ۾ باهمي مشاورت سان قابل قبول رستو ڪڍڻ ضروري آهي. جڏهن تہ منشور تي عملدرآمد ۽ عوام کي بنيادي مسئلن ۾ رليف ڏيڻ پڻ اهم آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي تہ صوبا آئيني ۽ قانوني طريقي سان بڻجي سگهن ٿا. محسن نقوي صدر آصف علي زرداري ۽ پيپلز پارٽيءَ جي پاليسي کان آگاهہ آهي. جيڪڏهن نون صوبن جو مسئلو رڳو سياسي شوشو ناهي تہ جتي اتفاق راءِ موجود آهي اتي صوبا ڇو نٿا بڻايا وڃن؟ گلگت ۾ پڻ هن حوالي سان اڳڀرائي ٿيڻ گهرجي هن چيو تہ مولانا فضل الرحمان کي حڪومت تي تنقيد جو حق حاصل آهي، پر سندس جماعت جا ميمبر پڻ دهشتگردن جي حملن ۾ شهيد ٿيا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ کيس دهشتگرديءَ خلاف واضح موقف اختيار ڪرڻ گهرجي ها. بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جي واقعن تي سياست نہ ٿيڻ گهرجي، پر دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وڃن.

بقايا *** 02

جي سمورن ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. ان ڏس ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران سنڌ جي هر ضلعي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيہ تقريبون منعقد ڪري شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي. پيپلز پارٽي ڪراچي جي ضلعي ڏکڻ پاران خالق ڏنو هال ۾ ڪارساز جي شهيدن جي 19هين ورسي جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، جاويد ناگوري ۽ ٻين اڳواڻن ۽ عورتن توڙي مرد ڪارڪنن شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو تہ ڪارساز سانحي ۽ لياقت باغ سانحي کي هڪ ئي سازش جي ڪڙي سمجهون ٿا جنهن سازش تحت شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي نشانو بڻايو ويو. هن چيو تہ ڪارساز سانحي ۾ جمهوريت جي قافلي جي ٽرڪ تي بيٺل پيپلزپارٽي جي سموري قيادت کي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي هئي ان سازش کي سمجهندي شهيد بينظير ڀٽو ڪڏهن ٽرڪ تي سوار پارٽي جي ٻين اڳواڻن کي چيو هو تہ سڀ اڳواڻ هڪ ئي وقت ٽرڪ جي مٿان ساڻس گڏ بيهي نہ رهن ڇو تہ سازشي عنصر کيس سميت سندس سموري پارٽي جي قيادت کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا پر موجود پارٽي جي سمورن اڳواڻن شهيد بينظير ڀٽو کي چيو تہ سڀئي اڳواڻ ساڻس گڏ ٽرڪ تي بيٺل رهندا. هن چيو تہ ڪارساز ۽ لياقت باغ جي سانحن جي هڪ ئي سازش جي ڪڙين ۽ ڪارڪنن کي شهيد ڪري عوام جي اميدن جو قتل ڪيو ويو هن چيو تہ ڪارساز سانحي ۾ 180 کان وڌيڪ ڪارڪنن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا ۽ 500 کان وڌيڪ ڪارڪن زخمي ٿيا اسان انهن شهيدن ۽ زخمين کي ڀيٽا ۽ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا. هن چيو تہ 18 آڪٽوبر تي ڪارساز سانحي واري هنڌ جنهن ٽرڪ تي شهيد بينظير ڀٽو ۽ پيپلزپارٽي جا اڳواڻ موجود هئا ان ٽرڪ جي اڳيان شاهراهہ فيصل جون اسٽريٽ لائيٽون ڪنهن جي چوڻ تي بند ڪيون ويون هيون؟ ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم ڪهڙي بنياد تي دعويٰ ڪئي هئي تہ ڪارساز ريلي رات 12 وڳي کان اڳ ختم ٿي ويندي ؟ ان بابت بہ جاچ ٿيڻ گهرجي. هن چيو تہ سيڪيورٽي خدشن باوجود شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀرپور سيڪيورٽي فراهم نہ ڪئي وئي هئي ۽ سانحي ڪارساز واري هنڌ واردات واري جاءِ کي ڌوئي فارنزڪ شاهديون مٽايون ويون هيون. نثار احمد کهڙو چيو تہ پيپلزپارٽي پنهنجي قيادت ۽ ڪارڪنن جي شهادتن باوجود "جمهوريت بهترين انتقام آهي" جي نعري هيٺ ملڪ ۾ آئين، قانون ۽ پارليامينٽ جي بالادستي ۽ جمهوريت جي تسلسل لاءِ پنهنجو جمهوري ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ چاهي ٿي تہ ملڪ جي سمورن مسئلن جو حل جمهوريت جي تسلسل ۾ ئي آهي.

بقايا *** 03

ڪندي چيو آهي تہ آئين جي بالادستي، عوام جي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جو تحفظ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي قربانين جو تقاضا آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر آصف علي زرداري ڪارساز سانحي جا 19 سال مڪمل ٿيڻ تي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو صدر چيو تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون پاڪستان جي قومي تاريخ جو هڪ روشن باب آهن. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي جان کي خطرا لاحق هجڻ جي باوجود ثابت قدم رهي، سندس جرئت ۽ قرباني جمهوريت، امن ۽ انصاف جي علمبردارن لاءِ مشعل راهہ آهي. صدر چيو تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون دهشتگردي ۽ انتهاپسنديءَ جي خاتمي جي عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون. ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون ايندڙ نسلن لاءِ پرامن، جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير جي عزم جو سرچشمو رهنديون. صدر ڪارساز سانحي جي شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ سوڳوار خاندانن لاءِ صبر ۽ حوصلي جي دعا ڪئي.

بقايا *** 04

ي جي دعويٰ کي بي بنياد ۽ هٿ ٺوڪي پروپيگنڊا قرار ڏئي ڇڏيو آهي. سماجي رابطي جي سائيٽ ايڪس تي اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت وضاحت ڪئي تہ اتر آمريڪا جي هڪ اڪائونٽ طرفان ڪيل اها دعويٰ تہ پاڪستاني بحريہ پاڪستاني اجازت سان ايران جي خلاف پاڪستاني زمين تان ڪارروائي ڪري رهي آهي، بي بنياد ۽ هٿ ٺوڪي پروپيگنڊا آهي. دعويٰ جي رد ڪندي وزارت طرفان چيو ويو تہ انهي ڪوڙي دعويٰ کي وڌيڪ پکيڙڻ اصل ۾ وسوسا، غلط فهميون ۽ انتشار پکيڙڻ جي ايجنڊا جو حصو آهي. اهڙيون سوشل ميڊيا پوسٽس ڪنهن بہ سنجيده مبصر جي ڌيان جي لائق نہ آهن. اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت موجب اهڙين بي بنياد خبرن کي صرف پروپيگنڊا قرار ڏيڻ گهرجي ۽ اهڙي طرح انهي کي منهن ڏيڻ گهرجي.

بقايا *** 05

۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهہ ان اڳڀرائي کي اهم ڪاميابي قرار ڏيندي چيو آهي تہ سنڌ جي ٽيچر لائسنسنگ پاليسي تعليم ۽ تدريس جي شعبي ۾ پاڪستان جي سڌارن واري قيادت جي عڪاسي ڪري ٿي. هن چيو تہ سنڌ جو اهو تجربو ترقي پذير ملڪن ۾ تعليمي معيار بهتر بڻائڻ ۽ استادن جي پيشوراڻي صلاحيتن ۾ واڌ لاءِ نوان رستا متعين ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو، جنهن جي روشنيءَ ۾ شرڪت ڪندڙ ملڪن، پاڪستان جي وفاقي حڪومت ۽ ٻين صوبائي حڪومتن جي نمائندن پاران جنوري 2027 ع ۾ پنهنجا پنهنجا ٽيچر لائسنسنگ منصوبا پيش ڪرڻ جي اميد آهي اها سرگرمي KIX تحت علم جي ساٿ استادن ۽ تعليمي سڌارن لاءِ جاري وسيع ترڪوششن جو حصو هوندي. صوبائي وزير سيد سردار علي شاهہ چيو تہ سنڌ ۾ ٽيچر لائسنسنگ پاليسي جو نفاذ پيپلزپارٽي جي حڪومت جي سنجيده ڪوشش ۽ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل سمورن ڌرين جي گڏيل سهڪار ۽ تعاون جو نتيجو آهي، جنهن سان صوبي ۾ استادن جي پيشوراڻي ترقي ۽ تدريسي معيار کي بهتر بڻائڻ جي راهہ هموار ٿي آهي ڪانفرنس دوران ان ڳالهہ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي تہ استادن جي پيشوراڻي اهليت ۽ تدريسي معيار ۾ بهتري سان شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگيءَ ۽ مجموعي تعليمي ترقي تي مثبت اثر پئجي سگهن ٿا.

بقايا *** 06

ڙن کي ڪٽڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي. بينظير ڀٽو جي پهرين ۽ آخري ڍال جيالا هئا، جن ٻهر ڌماڪن کي پنهنجي سينن تي روڪيو ڪارساز جي شهيدن پاڪستان جي تقدير کي پنهنجي رت سان بهتر لکيو. اهو قرض هاڻي نسلون لاهينديون. سيد ناصر حسين شاهہ چيو تہ ڌماڪا گونجندا رهيا، لاش ڪرندا رهيا، پر جيالن جو نعرو 'جيئي ڀٽو' فضائن ۾ جڙي رهيو تاريخ گواهہ آهي تہ جڏهن ليڊر جان تري تي رکي آهي، تہ جانثارن زندگيءَ جو سودو منٽن ۾ ڪري ورتو 18 آڪٽوبر سيکاري ٿو تہ نظريي کي بہ ساڻا ڌمائيڪن سان نہ پر عقيدت ۽ زنجيرن ۾ جڪڙي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو تہ ڪارساز جي گمنام شهيدن جي نالي: توهان جو رت اڄ بہ بلاول ڀٽو زرداريءَ جي هر قدم جي روشني آهي. هو سياستدان نہ، عشق جا مسافر هئا جن جي آخري آرامگاهہ ڪارساز جي شاهراهہ بڻي. ظلم پنهنجي آخري حد ڏسي ورتي، پر جمهوريت جي پرواز شڪست جو هڪ لفظ بہ نہ سکيو. صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهہ چيو تہ ڪارساز جي مٽيءَ مان اڄ بہ هڪ ئي آواز اڀري ٿو تہ جمهوريت قربانيءَ سان زنده رهي ٿي. ي چيو تہ 18 آڪٽوبر پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي جڏهن اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي ان تي دهشتگردن پاران ملڪ ۾ نشانو بڻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش ڪئي وئي. تنهن هوندي بہ، سندس استقبال لاءِ آيل جيالن پنهنجن جانين جو نذرانو پيش ڪري پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي ۽ جمهوريت توڙي عوام جي حق جي حڪمراني سان پنهنجي غير متزلزل وابستگيءَ جو بي مثال عملي ثبوت ڏنو. ناصر شاهہ وڌيڪ چيو تہ اڳوڻي وزيراعظم قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جو مشن عوام جي حڪمراني، مساوات، سماجي انصاف ۽ هڪ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافتہ پاڪستان جي تعمير آهي. جنهن کي چيئرمين بلاول ڀٽو اڳتي وٺي هلي رهيو آهي ناصر شاهہ شهيدن جي درجات جي بلندي ۽ سندن گهر وارن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪندي چيو تہ شهيدن جي ياد جمهوريت، ثابت قدمي ۽ قربانيءَ جي ان عهد جي تجديد آهي جنهن کي ايندڙ نسلون بہ مشعل راهہ بڻائينديون. سندن قربانيون هميشہ ان عزم جي ياد ڏيارينديون رهنديون تہ عوام جي حڪمراني ۽ جمهوري حڪومت جي تحفظ جي جدوجهد جاري رهندي.

بقايا *** 07

وڃي. سانحي 12 مئي ۽ اهڙن ٻين واقعن ۾ ملوث ڪردار سڀني جي سامهون آهن. جڏهن تہ 18 آڪٽوبر ۽ 27 ڊسمبر جا سانحا هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي هئا. پيپلز پارٽي جي حڪومت اڃا ڪانهي بہ انهي واقعن جي جاچ ڪرائي وئي ۽ اسڪاٽ لينڊ يارڊ تائين گڏيل قومن کي بہ جاچ جي عمل ۾ شامل ڪيو ويو، پر بدقسمتيءَ سان عدالتن ۾ ڪيسن جو نتيجو اهو نڪتو جو جوابدار بري ٿي ويا. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر سيد وقار مهدي ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن سانحي ڪارساز جي شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀرڻ ۽ فاتحہ خواني ڪرڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جو صلاحڪار سيد نجمي عالم، ضلعي اوڀر جو صدر اقبال ساند، فرحان غني، لالا رحيم، سرور غازي ۽ پيپلزپارٽي جا ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. سعيد غني ۽ ٻين اڳواڻن اعظم بستي قبرستان ۾ دفن ٿيل سانحي ڪارساز جي شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀري، فاتحہ خواني ڪئي ۽ گل ڀيٽا پيش ڪئي. صوبائي وزير سعيد غني چيو تہ پيپلزپارٽي هر سال 18 آڪٽوبر تي شهيدن جي قبرن تي حاضري ڀري کين ياد ڪندي آهي. اعظم بستي قبرستان ۾ پڻ سانحي ڪار ساز جا ست شهيد دفن ٿيل آهن. هن چيو تہ سانحي ڪار ساز ۾ شهيد ٿيڻ وارا اڪثريت نوجوانن جي هئي، جن جي عمر لڳ ڀڳ 25 سال يا ان کان بہ گهٽ هئي. هن چيو تہ پارٽي جي اعليٰ قيادت جي واضح هدايت آهي

بقايا *** 08

ي هرمز ۾ سامونڊي جهازن ۽ تيل بردار ٽينڪرن کي نشانو بڻائڻ کانپوءِ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل مهانگو ٿي ويو. يورپي مارڪيٽ جو برينٽ ڪچي تيل جي قيمت وڌي 109 ڊالر 90 سينٽ في بيرل ٿي وئي، جڏهن تہ آمريڪي خام تيل ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ 101 ڊالر 40 سينٽ في بيرل تي پهچي وئي. گڏيل عرب امارتن جي مربن خام تيل جي قيمت پڻ وڌي 113 ڊالر 40 سينٽ ٿي وئي.

بقايا *** 09

ام هيٺ نرسري جي مالڪياڻي ۽ عملي جي پنجن ميمبرن کي قيد جون سزائون ٻڌائي ڇڏيون آهن چيني سرڪاري ميڊيا موجب صوبي گانسو جي شهر تيان شوئي ۾ ڪنڊرگارٽن هلائيندڙ لي هوئي فانگ کي زهريلي ۽ نقصانڪار خوراڪ تيار ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي. جولاءِ 2025 ع ۾ نرسري جي 247 ٻارن ۽ عملي جي ميمبرن جي رت ۾ سيسو جي مقدار معمول کان تمام گهڻي ظاهر ٿي هئي، جنهن کانپوءِ اهو معاملو سامهون آيو ان کان اڳ ٻارن جي بيمار ٿيڻ جا اطلاع مليا هئا. واقعي جي جاچ دوران معلوم ٿيو تہ باورچي ڪاڌي جي ظاهري شڪل بهتر بڻائڻ ۽ وڌيڪ ٻارن کي متوجہ ڪرڻ لاءِ اهڙو پينٽ استعمال ڪري رهيا هئا، جيڪو استعمال لائق نہ هو ان پينٽ تي واضح طور ليبل هو تہ ان کي خوراڪ ۾ استعمال نہ ڪري سگهجي. عدالت لي هوئي فانگ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائڻ سان گڏ سندس ذاتي ملڪيت مان 5 لک يوان ضبط ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو آهي.

بقايا *** 10

2026 ع" جو اسپورٽس ڪلب سکر ۾ شروعات ٿي وئي آهي، جيڪو 18 کان 22 آڪٽوبر 2026 ع تائين جاري رهندو افتتاحي تقريب ۾ رانديگرن واري کاتي سنڌ جي پارلياماني سيڪريٽري ۽ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي صائمہ آغا، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس مير محمد، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اخلاق ميمڻ، سنڌ اسپورٽس سان لاڳاپيل نمايان شخصيتن سعيد شيخ، فرحان شاهہ، احمد علي راجپوت سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي. چيمپئن شپ ۾ سڄي ملڪ مان نوجوان رانديگر حصو وٺي رهيا آهن، جڏهن تہ سنڌ، بلوچستان، ڪي پي (خيبر پختونخوا)، پنجاب، گلگت بلتستان، پاڪستان آرمي، پاڪستان واپڊا، سوئي گئس ۽ اسلام آباد جون ٽيمون مقابلن ۾ حصو وٺي رهيون آهن. افتتاحي تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ قومي ترانو سان ٿي، جڏهن تہ اسڪولي ٻارن ملي نغمن تي پرفارمنس ڏئي ڀرپور داد حاصل ڪيو.

بقايا *** 11

خان، ايس اي ڊسٽرڪٽ ڪيماڙي سيد ريحان نقوي جي والده محترمہ، ايس اي آر آر جي ڊپٽي ڪميشنر رحمت الله مگسي جي پيءُ ۽ اي اي جي فيصل رفيع جي والد محترم جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي گڏيل تعزيتي بيان ۾ هنن چيو تہ پيارن جي وڇوڙي سبب لاڳاپيل آفيسرن ۽ سندن خاندانن کي پهتل ڏک ناقابل تلافي نقصان آهي ڏک ۽ غم جي هن گهڙيءَ ۾ واٽر ڪارپوريشن جا سمورا آفيسر ۽ ملازم سوڳوار خاندانن سان برابر جا شريڪ آهن هنن دعا ڪئي تہ الله پاڪ مرحومين جي مغفرت فرمائي، کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري، سندن درجات بلند فرمائي ۽ سمورن پوئلڳن کي اهو ڏک ۽ صدمو صبر ۽ استقامت سان برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا *** 12

ڪندي چيو آهي تہ جمهوريت، آئين جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ جانين جي قرباني پيش ڪندڙ جيالن جون قربانيون اسانجي سياسي ۽ جمهوري تاريخ جو روشن باب آهن. جن کي وساري نٿو سگهجي. پاڪستان پيپلزپارٽي مرڪزي پنجاب جي اڳواڻن ڌار ڌار بيانن ۾ چيو آهي تہ 18 آڪٽوبر 2007 ع پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو هڪ المناڪ ڏينهن آهي، جڏهن شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسي جي موقعي تي جمهوري قافلي کي دهشتگرديءَ جو نشانو بڻايو ويو هنن چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسي عوامي خواهشن، جمهوري عزم ۽ آمريت خلاف جدوجهد جي علامت هئي، جڏهن تہ دهشتگرديءَ ذريعي جمهوريت جي آواز دٻائڻ جون ڪوششون ڪامياب نہ ٿي سگهيون. راجہ پرويز اشرف چيو تہ پي پي جي تاريخ جمهوريت جي بحالي، استحڪام، آئين جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ بي مثال قربانين ۽ مسلسل جدوجهد سان ڀريل آهي. ڪارساز سانحي جي شهيدن جون لازوال قربانيون پارٽي جو قيمتي اثاثو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهہ آهن. اڳواڻن ان عزم جو اظهار ڪيو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بي بي شهيد جي نظرين ۽ مشن تي هلندي جمهوري قدرن، عوامي آزادين ۽ بنيادي حقن جي تحفظ جي جدوجهد جاري رکي ويندي. هن چيو تہ دهشتگردي ۽ انتهاپسنديءَ جو مقابلو قومي اتحاد، برداشت ۽ جمهوري استحڪام ذريعي ڪري سگهجي ٿو. تنهي اڳواڻن چيو تہ ڪاساز سانحي جي شهيدن کي ياد رکڻ رڳو هڪ روايت نہ پر قومي ۽ جمهوري ذميواري آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي پنهنجن شهيدن جي قربانين کي هميشا ياد رکندي ۽ انهن جي مشن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي.

بقايا *** 13

. ان موقعي تي پ پ ڪراچي اوڀر ضلعي پاران سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ دعائيہ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي وقار مهدي چيو تہ بينظير ڀٽو ڪنهن بہ ڌمڪيءَ جي پرواهہ نہ ڪندي وطن واپس آئي هئي. هن چيو تہ سانحي ڪار ساز جا شهيد جمهوريت جي تاريخ جو اهم حصو آهن ۽ سندن قربانين کي هميشہ ياد رکيو ويندو.

بقايا *** 14

ي بين الاقوامي ڪال سينٽر چلائيندو هو) ان جي مالڪ ياسر گلگتي سميت 11 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدارن مٿان آمريڪي شهرين سان سائبر فراڊ ڪرڻ ۽ انهن جي بينڪنگ معلومات چوري ڪرڻ ۾ ملوث هجڻ جو الزام آهي. اين سي سي آءِ اي جي مطابق ظفر سينٽر جي پهرين منزل تي قائم ڪال سينٽر ۾ ڪارروائي دوران آمريڪي شهرين جي مالي معلومات چوري ڪرڻ جي جوابدار نيٽ ورڪ جو انڪشاف ٿيو. شروعاتي جاچ موجب جوابدار آمريڪي بينڪن ۽ مالي ادارن جا نمائندا بڻجي شهرين کي فون ڪندا هئا ۽ جعلي ڪالز ذريعي انهن جا سوشل سيڪيورٽي نمبر، ڪريڊٽ ۽ ڊيبٽ ڪارڊز جون معلومات حاصل ڪندا هئا جاچ اداري مطابق جوابدار مبينہ طور تي حاصل ڪيل بينڪنگ معلومات کي غير قانوني مالي ڏيتي وٺ (لين دين) لاءِ استعمال ڪندا هئا. گرفتار ماڻهن ۾ ڪال سينٽر جو مالڪ، ايجنٽ، سپر ايجنٽ ۽ فلور مئنيجر شامل آهن ڪارروائي دوران ڊجيٽل اوزار ۽ ٻيو اليڪٽرانڪ سامان پڻ ضبط ڪيو ويو اين سي سي آءِ اي جي مطابق ڪيس ۾ نامزد ٻہ جوابدار اڃا تائين فرار آهن، جڏهن تہ سائبر ڪرائم رپورٽنگ سينٽر ڪراچي ۾ مجموعي طور تي 13 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس اليڪٽرانڪ ڏوهن جي روڪٿام واري قانون ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ جي مختلف دفعن تحت داخل ڪيو ويو آهي. پرڏيهي شهرين کي نشانہ بڻائيندڙ مبينہ سائبر فراڊ نيٽ ورڪ جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 15

ي اسمگلنگ ۾ ملوث پنج جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. رينجرز جي ترجمان موجب گرفتار جوابدار غيرقانوني افغان شهرين کي حب مان ڪراچي منتقل ڪندا هئا. گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ عبدالعزيز بروهي، محمد بخش دشتي، علي حسن بروهي، نديم بروهي ۽ جميل بروهي طور ڪئي وئي آهي. جوابدار غيرقانوني افغان شهرين کي حب ۾ عارضي رهائش پڻ فراهم ڪندا هئا. رينجرز جوابدارن کان هٿيار، منشيات ۽ سوزوڪي لوڊر گاڏي هٿ ڪئي وئي آهي. اهي گرفتاري کان بچڻ لاءِ منگهوپير، بند مراد، سرجاني ۽ ناردرن بائي پاس جا ڪچا رستا استعمال ڪندا هئا. ترجمان موجب جوابدار هڪ خاندان کي ڪراچي منتقل ڪرڻ جي عيوض في ڪس 2 لک رپيا وصول ڪندا هئا. گرفتار جوابدارن انڪشاف ڪيو آهي تہ هنن هڪ مهيني دوران لڳ ڀڳ 230 غيرقانوني افغان شهرين کي ڪراچي منتقل ڪيو. رينجرز موجب انساني اسمگلنگ لاءِ ننڍيون گاڏيون ۽ موٽرسائيڪلون پڻ استعمال ڪيون وينديون هيون. جڏهن تہ گرفتار جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن ترجمان رينجرز سنڌ جي ترجمان وڌيڪ ٻڌايو تہ اهڙي طرح ٻين جوابدارن جو هڪ گروهہ بلوچستان مان دهشتگرد حملن ۾ ملوث جوابدارن کي ڪراچي منتقل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪندو رهيو آهي.

بقايا *** 16

ڪيو ويو آهي. جنهن دوران ڪيترن ئي سرڪاري اسڪولن جون عمارتون زبون حال قرار ڏنيون ويون آهن. خيبرپختونخوا جي تعليم کاتي موجب سوشل ميڊيا تي سامهون آيل زبون حال اسڪولن جي عمارتن جو معائنو ڪيو ويو هو، جڏهن تہ ابتدائي رپورٽون پڻ ملڻ شروع ٿي ويون آهن اڄ کان ٻہ ڏينهن اڳ پشاور جي ڊيرڪالوني واري علائقي ۾ هڪ خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب 32 ٻار ۽ 2 عورت استاد فوت ٿي ويا هئا. جڏهن تہ 40 کان وڌيڪ ٻار زخمي ٿي پيا هئا. واقعي کانپوءِ اسڪول جي مالڪ کي گرفتار ڪيو ويو هو تعليم کاتي موجب بونير جي بدال سرڪاري اسڪول جي 6 مان 4 ڪلاس رومن ۽ چارسده جي ٽن سرڪاري اسڪول جي 20 مان 15 ڪلاس رومن کي زبون حال قرار ڏنو ويو آهي. ان کانسواءِ لوئر ڊير ۾ ڇوڪرن جي ٽن سرڪاري اسڪولن جون عمارتون استعمال جي لائق نہ رهيون آهن ڪرڪ جي ٻمي بانڊا سرڪاري اسڪول جا ٻئي ڪلاس روم، لڪي مروت جي ٻن سرڪاري اسڪولن جا 5 مان 4 ڪلاس روم، مردان جي ٻن اسڪولن جا 15 مان 4 ڪلاس روم، ڊيرا اسماعيل خان جي ٻن سرڪاري اسڪولن جا سمورا 25 ڪلاس روم ۽ هري پور ۾ ڇوڪرين جي ٽن سرڪاري اسڪولن جون عمارتون مڪمل طور زبون حال قرار ڏنيون ويون آهن تعليم کاتي جو چوڻ آهي تہ سرڪاري اسڪولن جي خراب عمارتن بابت انگ اکر سوشل ميڊيا تي شيئر ڪيل وڊيوز ذريعي گڏ ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 17

ڪئي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري سهڪار وڌائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ توانائي، صنعت، صحت، ٽرانسپورٽ، زراعت، تعليم، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۽ ثقافت سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو. هن موقعي تي تاجڪستان جي اعزازي قونصل جنرل ارشاد علي ايس قاسم ٻڌايو تہ پاڪستان ۽ تاجڪستان جي وچ ۾ ٻطرفي واپار جو حجم 3 ڪروڙ آمريڪي ڊالرن کان وڌيڪ آهي. هن چيو تہ تاجڪستان ۾ پاڪستاني ٽيڪسٽائيل جي شين، چانورن، دوائن ۽ سرجري جي اوزارن جي تمام گهڻي گهرج آهي، جنهن سان پاڪستاني برآمدات وڌائڻ جا وسيع امڪان موجود آهن پاڪستاني برآمدات وڌائڻ جا وسيع امڪان موجود آهن سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپاري حجم ۽ پاڪستاني شين جي برآمدات ۾ واڌ لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن. هن ڪاروباري برادري جي وچ ۾ لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ واپار توڙي سرمايہ ڪاري جا نوان موقعا ڳولڻ تي زور ڏنو سنڌ جي گورنر چيو تہ سنڌ، خاص طور تي ڪراچي، وچ ايشيا جي رياستن سان واپاري لاڳاپن جي واڌ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ڪراچي جي واپاري ۽ معاشي اهميت مان فائدو وٺندي تاجڪستان سميت وچ ايشيا جي مارڪيٽن ۾ پاڪستاني شين جي رسائي وڌائي سگهجي ٿي ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، سرمايہ ڪاري ۽ توانائي سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ ۽ باهمي اقتصادي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا *** 18

۾ هن چيو تہ ملڪ ۾ نہ تيل جي کوٽ پيدا ٿي، نہ /پيٽرول پمپ تي قطارون لڳيون ۽ نہ ئي امن امان جي اهڙي صورتحال پيدا ٿي جيئن ٻين ملڪن ۾ ڏٺي وئي هن چيو تہ پاڪستان نومبر تائين لاءِ توانائيءَ جي ضرورتن جو انتظام ڪري ورتو آهي هاڻ سياري جي مهينن لاءِ منصوبہ بندي ڪئي پئي وڃي. حڪومت جي اصلاحاتي ايجنڊا کي صنعتن، ڪجهہ گروپن ۽ مفاداتي حلقن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن چيو تہ فوج جن واپاري ادارن کي هلائي رهي آهي اهي منافعي بخش آهن. اسان سرڪاري خزاني مان انهن کي ڪنهن بہ قسم جا فنڊز نہ ڏئي رهيا آهيون. ناڻي واري وزير سان بشڪاڪ ۾ آءِ ايم ايف ۽ عالمي بينڪ جي ساليانہ اجلاس جي موقعي تي وچ اوڀر ۽ وچ ايشيا لاءِ ڊائريڪٽر آءِ ايم ايف جهاد ازور، يو ايس ڊي بي جي ايڊمنسٽريٽر ۽ گڏيل قومن جي انڊر سيڪريٽري جنرل اليگزينڊر ڊي ڪرو، عالمي ڪريڊٽ ريٽنگ ايجنسي جي موڊيز، شارجہ اسلامڪ بينڪ، ابوظهبي ڪمرشل بينڪ ۽ عجمان بينڪ جي وفد سميت ٻين اهم شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون آهن آءِ ايم ايف جي ڊائريڪٽر سان ٿيل ملاقات ۾ معاشي ڪارڪردگيءَ ۽ اصلاحات تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي محصولات، مهانگائي، معاشي نمو ۽ جاري کاتي جي حوالي سان اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو.

بقايا *** 19

اطمہ خواجا ٻاهر سرڪاري دوري تي ڏکڻ ڪوريا روانا ٿي وئي. انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب شزا فاطمہ خواجا ڏکڻ ڪوريا ۾ "گلوبل اينڊ ڊجيٽل سمٽ 2026 ع" ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندي. وفاقي وزير آءِ ٽي سمٽ دوران "آءِ ٽي اينڊ ڊجيٽل منسٽريل ميٽنگ" ۾ شرڪت ڪندي. اجلاس دوران پاڪستان ۾ مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل شموليت تي ترجيحي ڳالهيون ڪيون وينديون. دوري دوران وفاقي وزير جي گوگل جي نائب صدر ولسن ايل وائيٽ سان ٻہ طرفي اهم ملاقات ٿيندي. بعد ۾ شزا فاطمہ خواجا ورلڊ بينڪ جي نائب صدر عثمان ديون سان پڻ ملاقات ڪندي. جڏهن تہ وفاقي وزير عالمي سطح تي انٽرنيٽ ۽ ڊجيٽل سهولتن جي برابر فراهمي جي حوالي سان منعقد ٿيندڙ اهم اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي.

بقايا *** 20

ن بهتر تعليم فراهم ڪرڻ آهي تہ جيئن اهي پنهنجي محنت، قابليت ۽ صلاحيتن سان ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن. سڄي ملڪ ۾ دانش اسڪولن جو دائرو وڌايو پيو وڃي ۽ هن وقت مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير هيٺ آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن اسلام آباد ۾ دانش اسڪولن جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وزيراعظم چيو تہ هو اڄ هتي پاڪستان جي وزيراعظم جي حيثيت سان نہ پر هڪ خادم جي حيثيت سان موجود آهي ۽ تقريب ۾ ڏيکاريل دستاويزي فلمون شاگردن جي تاثرات ۽ دانش اسڪولن مان تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي ڪاميابين کيس تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. هن خيبر پختونخواهہ سان تعلق رکندڙ خصوصي صلاحيتن واري شاگردياڻي جو مثال ڏيندي چيو تہ هن زندگي جي مشڪلاتن جي باوجود اميد نہ ڇڏي ۽ ثابت قدمي سان پنهنجي جدوجهد جاري رکي، سندس والد محنتي ۽ تعليم سان پيار ڪندڙ پاڪستاني آهي. تنهن هوندي بہ وٽس پنهنجي ڌيءَ کي تعليم ڏيڻ لاءِ گهربل مالي وسيلا نہ هئا. وزيراعظم چيو تہ پاڪستان ۾ لکين ذهين ۽ باصلاحيت ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن جيڪي پنهنجي محنت، قابليت ۽ مسلسل ڪوشش سان نہ رڳو پنهنجي زندگي بدلائي سگهن ٿا پر پاڪستان کي دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي صف ۾ شامل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. وزيراعظم چيو تہ دانش اسڪولن جو دائرو هاڻي پنجاب کان ٻاهر نڪري هاڻي پوري پاڪستان ۾ پکڙجي رهيو آهي ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير، گلگت بلتستان، بلوچستان، سنڌ ۽ خيبر پختونخواهہ جي مختلف علائقن ۾ 27 دانش اسڪول تعمير هيٺ آهن. انهن منصوبن لاءِ وسيلا فراهم ڪيا ويا آهن ۽ لاڳاپيل ٽيمون ڏينهن رات ڪم ڪري رهيون آهن. هن چيو تہ دانش اسڪولن ۾ اتر وزيرستان، ڪرڪ، ڊيرا اسماعيل خان، پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ گلگت بلتستان جي علائقن سميت اسڪردو سان لاڳاپيل شاگرد پڻ تعليم پرائي رهيا آهن. ان موقعي تي تعليم وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي، اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءالله تارڙ، منصوبابندي، ترقي ۽ سڌارن وارو وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال، آءِ ٽي جي وفاقي وزير شزه فاطمہ خواجہ ۽ وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود احمد خان پڻ وزيراعظم سان گڏ هئا.

بقايا *** 21

خضدار ضلعن ۾ ڀارت جي حمايت يافتہ فتنہ الهندوستان دهشتگردن جي خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم ڪوئيٽا، نوشڪي ۽ خضدار ۾ ڀارت جي حمايت يافتہ فتنہ الهندوستان جي دهشتگردن جي خلاف سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشنز کي ساراهيو ۽ انهن آپريشنز ۾ 8 ڀارتي حمايت يافتہ دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو. وزيراعظم چيو تہ عزم استحڪام جي وژن تحت، سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف نمايان ڪاميابيون حاصل ڪري رهيون آهن ۽ ملڪ مان هر قسم جي دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ پرعزم آهن.

بقايا *** 22

جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي تہ 18 آڪٽوبر پاڪستان جي تاريخ جو هڪ ڪارو ڏينهن آهي، جڏهن شهيد بينظير ڀٽو جي ديس واپسي تي دهشتگردي ذريعي کيس نشانو بڻائڻ جي بزدلاڻي ڪوشش ڪئي وئي، جڏهن تہ هن جي استقبال لاءِ آيل جيالن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري پنهنجي قائد جي حفاظت ڪئي ۽ جمهوريت ۽ عوام جي حق حڪمراني سان پنهنجي پختي وابستگي جو بي مثال عملي ثبوت ڏنو ميڊيا سيل بلاول هائوس مان جاري بيان مطابق پي پي پي جي چيئرمين چيو تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جو رت گواهي ڏئي ٿو تہ دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ تشدد جمهوريت جي عزم کي ڪمزور نٿا ڪري سگهن. ڪارساز جي شهيدن جون قربانيون قومي تاريخ جا اهڙا روشن باب آهن، جنهن کي قوم هميشہ ياد رکندي. هن چيو تہ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جو مشن آئين جي بالادستي، عوام جي حڪمراني، برابري، سماجي انصاف ۽ هڪ پرامن، خوشحال ۽ ترقي يافتہ پاڪستان جي تعمير آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي اهڙي مشن تي ڪاربند رهندي جمهوري ادارن جي استحڪام، آئين جي تحفظ ۽ عوام جي حق حڪمرانيءَ جي پاسداري لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. هن شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ انهن جي گهروارن لاءِ صبر جي دعا ڪندي چيو تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد جمهوريت، ثابت قدمي ۽ قرباني جي ان عهد جي تجديد آهي جنهن کي ايندڙ نسلون بہ مشعل راهہ بڻائينديون. انهن جون قربانيون هميشہ ان عزم جي ياد ڏيارينديون رهنديون تہ عوام جي حڪمراني ۽ جمهوري قدرن جي تحفظ جي جدوجهد جاري رهندي.

بقايا *** 23

صدر نوازشريف چيو آهي تہ خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي اڳ ئي لاڳو ٿيڻ گهرجي ها، خيبرپختونخواهہ ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي چڪي هئي، لنڊن ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي نوازشريف جو چوڻ هو تہ خيبرپختونخواهہ ۾ حالتون ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي رهيون هيون، ايمرجنسي جو فيصلو اڳ ئي ٿيڻ گهرجي ها، تحريڪ انصاف گذريل 13 سالن ۾ خيبرپختونخواهہ کي نقصان پهچايو هن جو چوڻ هو تہ ڪهڙي ملڪ ۾ وزيراعليٰ سرڪاري وسيلن سان وفاقي راڄڌاني تي حملو ڪندو آهي، صوبائي وسيلن کي اسلام آباد ۽ ٻين صوبن جي خلاف استعمال ڪرڻ ڪٿان جو طريقو آهي؟ نوازشريف جو چوڻ هو تہ خيبرپختونخواهہ جي عوام تحريڪ انصاف جي حڪومت کان آزاد ٿي وئي آهي، مسلم ليگ(ن) پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ پرعزم آهي، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون عام ماڻهوءَ جي بهتري لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن.

بقايا *** 24

از سانحي جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ سندن قربانين کي ڪڏهن بہ فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي. بي آءِ ايس پي مان آچر ڏينهن جاري پيغام ۾ سينيٽر روبينہ خالد چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو مشن عوام جي خدمت، عورتن کي با اختيار بڻائڻ ۽ محروم طبقن جي ڀلائي آهي هن چيو تہ بي آءِ ايس پي مستحق عورتن جي معاشي خودمختياري ۽ باوقار زندگي لاءِ ڪوشان آهي. هن چيو تہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي نظريي مطابق عورتن کي با اختيار بڻائڻ ۽ غريب خاندانن کي سهارو ڏيڻ اسان جي ترجيح آهي. هن چيو تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جو مشن جمهوريت، امن ۽ عوامي خدمت ذريعي اڳتي وڌائڻ جو عزم آهي. شهيدن جون قربانيون اسان کي عزم، حوصلي ۽ عوامي خدمت جي رستي تي ثابت قدم رهڻ جو درس ڏين ٿيون.

بقايا *** 25

آڪٽوبر 2008 ع جمهوريت جي بحالي جي جدوجهد جو هڪ ناقابل فراموش ۽ تاريخي ڏينهن آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي وطن واپسي جمهوريت، عوامي حقن ۽ روشن مستقبل جي اميد جو پيغام هئي. پيپلز پارٽي ميڊيا سيل مان جاري بيان موجب سينيٽر شيري رحمان چيو آهي تہ ڪارساز سانحي جي شهيدن جون قربانيون عظيم آهن. عوام جي بالادستي ۽ آئيني حقن جي جدوجهد ۾ انهن کي هميشہ ياد رکيو ويندو. شيري رحمان وڌيڪ چيو تہ صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي مشن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو تہ سمورين قربانين ۽ ڏکيائين باوجود جمهوريت لاءِ پاڪستان پيپلزپارٽي جو عزم اڄ بہ اٽل آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي جمهوري وژن کي مڪمل ڪرڻ، عوام جي حقن جي تحفظ ۽ آئين جي بالادستي اسان جي سياسي جدوجهد جو بنياد آهي.

بقايا *** 26

بيان ڏيڻ جو ڪو بہ شوق نہ آهي، مان اصلاح جي نيت سان تنقيد ڪندو آهيان ۽ پارليامينٽ جي بالادستي چاهيون ٿا، هو جي يو آءِ جي مرڪزي اڳواڻ بلال مير جي پيءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪرڻ لاءِ لاهور ۾ موجود هو انهي موقعي تي صحافين ڳالهين دوران انهي کان سوال ڪيو ويو تہ فيصل واوڊا جي بيان کان پوءِ اوهان ڇا سمجهو ٿا تہ پنجاب يا سنڌ ۾ بہ گورنر راڄ لڳندو؟ جنهن تي مولانا واضح ڪيو تہ بنيادي مسئلو اهو ناهي تہ اتي بہ ايمرجنسي لڳندي جيڪڏهن اتي بہ ايمرجنسي لڳي تہ اتي بہ اختلاف راءِ ڪنداسين. هن چيو تہ بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ سپريم ڪير آهي؟ ڇا پارليامينٽ سپريم آهي؟ تہ پوءِ فيصلا پارليامينٽ ڪري نہ وري ڪنهن ٻئي هنڌ فيصلا ڪري انهي کي پارليامينٽ تي مڙهيو وڃي. پاڻ مٿان دهشتگردن جي حامي هجڻ جي الزامن واري سوال جي جواب تي مولانا فضل الرحمان جو چوڻ هو تہ مان پاڻ دهشتگردي جو نشانو بڻجي چڪو آهيان مون ڪڏهن بہ دهشتگردي جي حمايت نہ ڪئي آهي. ياد رهي تہ گذريل ڏينهن پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ايڪس تي ڪيل هڪ پوسٽ ۾ مولانا فضل الرحمان جهڙي سينئر سياستدان جيڪو پاڻ دهشتگردي جو شڪار رهيو آهي انهي مٿان دهشتگردي جي پنيرائي ڪندڙن جي حمايت ڪرڻ جو الزام لڳايو هو. مولانا پنهنجي ڳالهين کي جاري رکندي چيو تہ دهشتگردي جي ماحول ۾ جي يو آءِ جا اڍائي سو عالم ۽ ڪارڪن شهيد ٿيا آهن. اهڙي طرح جا بيان ڏيڻ ڪنهن پارٽي جي ملڪ ۽ عوام جي لاءِ قربانين جو مذاق اڏائڻ آهي. ڇا رياست کي اهو حق آهي

بقايا *** 27

جي ترجمان مطابق رپورٽ تي عملدرآمد بابت حتمي فيصلو ڪابينا ڪندي. ان سلسلي ۾ سنڌ ڪابينا جو اجلاس اڱاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيندو، جتي بند ڪاتي (سيل بند) رپورٽ پيش ڪئي ويندي.

بقايا *** 28

800 کان وڌيڪ خاص رانديگر ۽ رانديگرياڻيون ستو سنٿون حصو وٺنديون. رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي ترجمان موجب، سنڌ اسپيشل گيمز ۾ بااختيار ماڻهن واري کاتي (DEPD) جي ڪيٽيگري ۾ 550 اوپن ڪيٽيگري ۾ 250 خاص رانديگر حصو وٺندا. هن تقريب ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ۽ رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي شرڪت پڻ متوقع آهي ترجمان موجب سنڌ جي سمورن ضلعن مان ايندڙ خاص رانديگرن لاءِ رهائش ۽ طعام (روٽي) جا انتظام رانديگرن ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران ڪيا ويندا؛ خاص نوجوانن جي صلاحيتن کي ۽ انهن جي تخليقي توڙي فني مهارتن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 13 اسٽالز پڻ لڳايا ويندا. انهي واري کاتي جي ترجمان چيو تہ سنڌ اسپيشل گيمز جي انعقاد جو مقصد خاص صلاحيتن واري رانديگرن کي رانديون جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ، انهن جي صلاحيتن کي نمايان ڪرڻ ۽ انهن کي معاشري جو فعال ۽ بااعتماد حصو بڻائڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪرڻ آهي.

بقايا *** 29

آچر ڏينهن جاري پريس رليز مطابق اهي ڪارروائيون فتنہ الهندوستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگيءَ جي اطلاع تي ڪيون ويون، جنهن جي نتيجي ۾ ڀارتي حمايت يافتہ 8 دهشتگرد مارجي ويا. 17 آڪٽوبر 2026 ع تي ڪوئيٽا جي علائقي ڪيچپائي ۾ دهشتگردن مقامي ٽريفڪ کي روڪڻ لاءِ روڊ تي رڪاوٽون بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تہ سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ ڀارت جي حمايت يافتہ 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ٻئي پاسي نوشڪي ضلعي جي علائقي کي ڪليئر ڪرائڻ جي ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي هڪ ٺڪاڻي جو پتو لڳايو. شديد فائرنگ کانپوءِ ڀارتي حمايت يافتہ ٻہ دهشتگرد مارجي ويا جڏهن تہ ان دوران دهشتگردن کان وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ بارود بہ هٿ ڪيو ويو اهڙي طرح خضدار ضلعي ۾ انٽيليجنس جي بنياد تي ڪيل هڪ ڪارروائي ۾ سيڪيورٽي فورسز فوري ۽ جارحاڻا قدم کڻندي دهشتگردن جي ٺڪاڻي کي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ ڀارتي حمايت يافتہ هڪ دهشتگرد مارجي ويو ان ڪارروائي دوران وڏي مقدار ۾ (490 ڪلوگرام) ڌماڪيدار مادو بہ هٿ ڪيو ويو آءِ ايس پي آر مطابق علائقي ۾ موجود ڪنهن بہ ٻئي دهشتگرد جي خاتمي لاءِ سينيٽائيزيشن ڪارروائيون جاري آهن. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان "عزم استحڪام" جي وژن تحت دهشتگردي خلاف جاري مهم پوري قوت سان جاري رهندي، تہ جيئن ملڪ مان غير ملڪي حمايت يافتہ دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪري سگهجي.

بقايا *** 30

واڻ ٻڌائي تہ وزيراعظم سان ملاقات لاءِ ڪڏهن اچي رهيو آهي. راڻا ثناءالله موجب خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالت واپس وٺڻ جي شرط تي پي ٽي آءِ سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن. البت پي ٽي آءِ دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ سهڪار ڪري تہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي سگهي ٿي هن چيو تہ وزيراعظم ۽ مخالف ڌرجي اڳواڻ جي ملاقات لاءِ ڪا ٽين جاءِ مقرر نہ ٿيندي، ملاقات وزيراعظم هائوس ۾ ئي ٿيندي. سندس چوڻ هو تہ وزيراعظم هائوس ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نہ، پر رياست جي ملڪيت آهي، تنهنڪري اهڙي ضد قبول نہ ڪئي ويندي.

بقايا *** 31

ڪراچي اميگريشن فراڊ جي متاثر شهري کي 11 لک رپيا واپس ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن تہ بحرنجوروڪويزاڌيارتجنيائيتي مبينہ فراڊ جي ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي گرفتار پڻ ڪيو ويو آهي. ايف آءِ اي جي ترجمان موجب ڪينيڊا اميگريشن ۾ مدد جي نالي تي هڪ مبينہ اميگريشن ڪنسلٽنٽ شڪايت ڪندڙ اجمل خان کان 11 لک رپيا وصول ڪيا هئا. جاچ ۽ تفتشدورانڌقمبرآمدڪريمتاثرشهريکيواپسڪئيوئي. ترجمان جو چوڻ آهي تہ رقم جي واپسي جاچ ٽيم جي ڪوشش ۽ شڪايت ڪندڙ جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪيل قدمن جو نتيجو (نتيجي) آهي.

بقايا *** 32

ن موجب ٻنهي مسافرن جو تعلق پنجاب سان آهي ۽ اهي سياحتي ويزا تي ٿائيلينڊ وڃي رهيا هئا. اختيارين ٻڌايو تہ مسافرن کان سفر جي مقصد بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وئي، جنهن دوران ڄاڻ ملي تہ اهي هم جنس پرستن جي شاديءَ لاءِ ٿائيلينڊ وڃي رهيا هئا.

بقايا *** 33

بليءَ جي ميمبر مولانا عبدالغفور حيدري چيو آهي تہ جيڪي ماڻهو اسٽيبلشمينٽ جي چوڻ تي جي يو آءِ جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان تي تنقيد ڪري رهيا آهن، تن جي بيانن مان ثابت ٿئي ٿو تہ قائد جمعيت جو تير صحيح نشاني تي لڳو آهي. جنهن سبب مخالفن جون رڙيون نڪري رهيون آهن. حڪمران پنهنجي حڪمرانيءَ جي ناڪامين جو ملبو مولانا فضل الرحمان تي ڪيرائي پنهنجي ناڪامي لڪائڻ چاهين ٿا. هن چيو تہ مولانا فضل الرحمان جي سياسي موقف ۽ سرگرمين ۽ ٿيندڙ وڏي ڪانفرنس کان حڪومت خوفزده آهي. تنهن ڪري قائد جمعيت خلاف بي بنياد الزام ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. مولانا فضل الرحمان عوام جي حقن، آئين جي بالادستي ۽ پارليامينٽ جي خودمختياريءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي، پر سندس خلاف من گهڙت الزام سچ جي آواز کي دٻائي نٿا سگهن هن چيو تہ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اڪي جي انصاري پاران جاري ڪيل بيان ۾ بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ جي يو آءِ جي ڪانفرنس ۾ مختلف سياسي جماعتن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ۽ حڪمران ان کان برداشت نہ ٿي رهي آهي. هن چيو تہ جي يو آءِ ڪنهن بہ اندروني طاقت سان سودي بازي يا ٻاهرين دٻاءُ آڏو ڪنهن بہ سمجهوتو نہ ڪندي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي سياست جو بنياد اصولن، عوامي حقن ۽ ملڪ جي خودمختياري تي آهي هن چيو تہ پنجاب ۾ فارم 470 جي حڪومت جا پول کولڻ تي چيخون نڪري رهيون آهن جڏهن تہ دهشتگردي خلاف جنگ وڙهندي جي يو آءِ جا 250 ساٿي شهيد ٿيا ۽ مولانا فضل الرحمان سميت اهم اڳواڻن تي قاتلاڻا حملا ٿيا. مولانا عبدالغفور حيدري چيو تہ ملڪ ۾ مهانگائي ۽ عوام جي حالت خراب ٿي چڪي آهي، معيشت تباهيءَ جي ڪناري تي پهتل آهي، غريب ماڻهو سخت پريشان آهن، جڏهن تہ حڪمران عوام کي رليف ڏيڻ بدران عياشين ۾ مصروف آهن هن چيو تہ معدني وسيلن تي صوبن جو حق آهي. پر انهن وسيلن جي لٽ ڦر جاري آهي. هن چيو تہ سنڌ سان صوبن ۽ عوام جي حق کي نقصان پهچائي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ڪجهہ ماڻهو اقتدار جي خاطر خوشامد ڪن ٿا ۽ پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ئي ماڻهن خلاف ڳالهائڻ شروع ڪن ٿا، جن جي سهاري اقتدار تائين پهچن ٿا. اهڙي احسان فراموشي واري سياست عوام آڏو اچي چڪي آهي هن چيو تہ جمعيت علماءِ اسلام جي ڪارڪن اسلام، وطن ۽ قائد جمعيت مولانا فضل الرحمان جي حفاظت لاءِ هر وقت تيار آهن.

بقايا *** 34

کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب واقعو ڦرلٽ نہ، پر خانداني تڪرار جو نتيجو هو. پوليس جو چوڻ آهي تہ هڪ عورت پنهنجي ڊرائيور ذريعي ڦرلٽ جو ڊرامو رچايو هو. جنهن بابت وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 35

ليمينٽ اٿارٽي (سي ڊي اي) جي خلاف نعرا لڳايا. مظاهرين سوال اٿاريو تہ حفاظتي انتظامن ۾ ڪوتاهين کي ختم ڪرڻ جي بجاءِ سموري بازار کي بند ڇو ڪيو ويو آهي. واپارين موجب بازار جي بندش سبب اسان جي آمدني رڪجي وئي آهي ۽ مالي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي واپارين تہ بازار تائين ڪارپوريشن اسلام آباد (ايم سي آءِ) جي ڊائريڪٽوريٽ آف ميونسپل ايڊمنسٽريشن (ڊي ايم اي) فائر سيفٽي قدم کڻڻ تائين 16 آڪٽوبر 2026 کان ايچ نائين ۽ جي سڪس جي هفتيوار بازار بند رکڻ جو حڪم ڏنو هو اسلام آباد جي سيدپور بازار جي بندش خلاف ايچ نائين بازار جا اسٽال هولڊرز سراپا احتجاج آهن. سي ڊي اي انتظاميہ جي خلاف نعريبازي ڪئي وئي مظاهرين جو چوڻ آهي تہ فائر سيفٽي يقيني بڻائي وڃي، پر سموري بازار بند ڪري هزارين ماڻهن جي روزگار ختم ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي؟ جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو هو تہ جيستائين باقاعدي فائر سيفٽي جا انتظام مڪمل نٿا ڪيا وڃن ۽ سي ڊي اي ايمرجنسي سروسز طرفان ڪليئرنس نٿي ملي وڃي، تيستائين بازار بند رهندا ٻئي طرف واپارين جو چوڻ آهي تہ انهن پنهنجي مدد پاڻ جي تحت باهہ کان بچاءِ ۽ ٻين حفاظتي قدمن تي رقم خرچ ڪئي آهي انهن موجب بازار ۾ تقريبن 17 سئو باهہ وسائڻ جا اوزار لڳايا ويا آهن جڏهن تہ فائر سيفٽي ٽرالين ۽ سگريٽ نوشي کان منع ڪندڙ بورڊز بہ لڳايا ويا آهن. دڪاندارن دعويٰ ڪئي آهي تہ 30 سيڪيورٽي ڪيمرا لڳايا ويا آهن تقريبن 500 اسٽالز تي ميش شٽر ڪيٽس بہ لڳايا ويا آهن جڏهن تہ ٻين اسٽالز تي ڪم جاري آهي. پر اهڙين دعوائن جي آزادانہ طور تي تصديق نہ ٿي سگهي آهي. واپارين مطالبو ڪيو آهي تہ بهرحال کان ڪيل قدمن جو معائنو ڪيو وڃي ۽ ٻين ڪوتاهين جي نشاندهي ڪري انهن کي ختم ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 01

ال ميمڻ ۽ شاهزيب شاهه بخاري شرڪت ڪئي اڳواڻن کي پبلڪ پارڪ آمد موقعي تي وڏي تعداد ۾ شهرين گلن جي ورڪا سان شاندار استقبال ڪري پنڊال تائين آندا ويا. ان موقعي تي پروگرام جا ميزبان عبدالواحد ڪٽي، سائين شڪيل پان، رفيق ميمڻ، ثمير ميمڻ، جئرام داس، بابا ميمڻ، شڪيل ميمڻ ۽ ٻين پاران پاءِ عبداللطيف ميمڻ ۽ عاطف اقبال ميمڻ کي سنڌ جي ثقافتي روايت بوسڪي جا پٽڪا ٻڌرائي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي عبدالله خان لغاري، ابراهيم سوهو، جام دوست علي سهتو، حاجي مظفر علي لغاري، ڊاڪٽر عثمان سرويچ، ڊاڪٽر وزير ميمڻ، وڪيل آفتاب ايڇ پنهور، محبوب جماري، عمر ميمڻ، لطف الله ميمڻ، امين سرواڻ، زبيراحمد جعفراڻي، سجاول پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري امتياز ميمڻ سميت شهر جي معزز واپارين، ديوان برادري، ميمڻ برادرزي، ڪٽي برادري، عمراڻي برادري، شيخ برادري، جوٽيجا برادري . ملاح برادرزي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 02

چيمپئن شپ 2026ع جو اسپورٽس ڪلب سکر ۾ آغاز ٿي ويو، جنهن جو افتتاح سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ آفيئرز سنڌ منور علي مهيسر ۽ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي ڪيو. جونيئر بيڊمنٽن چيمپئن شپ جو ميلو حڪومت سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سهڪار سان سنڌ بيڊمنٽن ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيو پيو وڃي، چيمپئن شپ جا مقابلا 18 کان 22 آڪٽوبر 2026ع تائين جاري رهندا. افتتاحي تقريب ۾ سنڌ جي راندين واري کاتي بابت پارلياماني سيڪريٽري ۽ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي صائم آغا، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس مير محمد، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اخلاق ميمڻ، سنڌ اسپورٽس سان لاڳاپيل نمايان شخصيتن سعيده شيخ، فرحان شاهه، احمد علي راجپوت سميت ٻين شرڪت ڪئي. چيمپئن شپ ۾ پوري ملڪ کان نوجوان رانديگر حصو وٺي رهيا آهن. مقابلن ۾ حصو وٺندڙ ٽيمن ۾ سنڌ، بلوچستان، خيبر پختونخوا، پنجاب، گلگت بلتستان، پاڪستان آرمي، پاڪستان واپڊا، سوئي گيس ۽ اسلام آباد جون ٽيمون شامل آهن. افتتاحي تقريب جو آغاز تلاوتِ قرآن پاڪ ۽ قومي تراني سان ٿيو جڏهن ته اسڪولي ٻارڙن ملي نغمن تي پرفارمنس ڏئي ڪري خوب داد حاصل ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ بابت راندين جي پارلياماني سيڪريٽري ۽ ايم پي اي سنڌ اسيمبلي صائم آغا، سيڪريٽري اسپورٽس منور علي مهيسر ۽ ڪمشنر سکر عابد سليم قريشي چيو ته قومي سطح جي انهن مقابلن ۾ نوجوان رانديگرن کي پنهنجون صلاحيتون مڃرائڻ ۽ تجربو حاصل ڪرڻ جا موقعا ملندا. جڏهن ته راندين ۽ نوجوانن جي حوصلا افزائي لاءِ منعقد ڪيل هن چيمپئن شپ جي ميزباني سکر لاءِ اعزاز آهي. سندن وڌيڪ چوڻ هو ته راندين جي مقابلن جي انعقاد سان نوجوانن ۾ سکڻ سيکارڻ جي صلاحيتن ۾ واڌارو ٿئي ٿو. سيڪريٽري اسپورٽس جو چوڻ هو ته جونيئر بيڊمنٽن چيمپئن شپ جي فاتح ٽيمن سميت رانديگرن ۾ تحفا ۽ ٽرافيون ورهايون وينديون. جڏهن ته انهيءَ موقعي تي مهمان رانديگرن ۽ رانديگرياڻين کي سکر جي تاريخي ماڳن جو سير پڻ ڪرايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 03

ضلعي صدر توڙي قومي اسيمبلي جي ميمبر مير منور علي خان ٽالپر جي هدايتن تي پ پ پ ضلعي ميرپورخاص پاران سانحي ڪارساز جي شهيدن جي ورسي جي موقعي تي حورين بينڪيوٽ ميرپورخاص ۾ قرآن خواني ۽ اجتماعي دعا جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪندي سندن مغفرت، ايصال ثواب ۽ بلند درجات لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. تقريب ۾ پ پ پ ڊويزن ميرپورخاص جي جنرل سيڪريٽري ۽ صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر، ضلعي جنرل سيڪريٽري جنيد بلند، انفارميشن سيڪريٽري اعظم خان نوحاڻي، سٽي صدر پير عزت شاهه جيلاني، صوبائي وزير ۽ ايم پي اي سيد ذوالفقار شاهه، ايم پي اي هري رام، نوابزاده مير حمزه ٽالپر، ميئر عبدالروف غوري، ٽامور مهر، ڊاڪٽر ذوالفقار ملڪاني، اسحاق ناريجو، مير خدا بخش عرف ميرجاني، علي رضا ٽالپر، امير حسن ٽنگڙي، نياز پنهور، رفيق برگڙي، رسول بخش مغل، حاجن پنهور، حنيف ميمڻ، مير طارق محمود ٽالپر، ممتاز ڪوسو، رمضان خشڪ، عنايت ناريجو، شميم جهنديرِ، عاصم آرائين سميت پارٽي جي ٻين اڳواڻن، عهديدارن، ڪارڪنن ۽ مختلف ذيلي تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سانحي ڪار ساز جي شهيدن جي عظيم قربانين کي ياد ڪندي ڪين جمهوريت، عوامي حقن ۽ پارٽي جي نظريي سان وابستگيءَ تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو. مقررن چيو ته شهيدن جون قربانيون وسارڻ جوڳيون ناهن ۽ سندن مشن کي اڳتي وڌائيندي جمهوريت جي مضبوطي ۽ عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويندو. تقريب جي پڄاڻيءَ تي شهيدن جي مغفرت، بلند درجات ۽ ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، استحڪام، ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ اجتماعي دعا گهري وئي.

بقايا عوامي سوچ 04

ٻئي جوڙ ۾ پهلوان ٻابر جمالي کي پهلوان سجاد لغاري ٻئي ملهون دسي ٻئي جوڙ جو انعام حاصل ڪيو. جڏهن ته ٽئين جوڙ ۾ بلوچستان جي پهلوان ضمير شيدي پهلوان ننڍو هوتي پوتي پوئين مل دسي انعام حاصل ڪيو ملاڪڙي ۾ پهلوان جان محمد لنڊ، پهلوان ريشمي ملاح، پهلوان ملو عبدالڪريم پنهور، حسين لاشاري ٻين خوبصورت ملهون ڪري زبردست داد سان گڏ انعام حاصل ڪيو ملاڪڙي جي انائونسر پهلوان قلندر بخش شاهاڻي مل شوقينن کي مل پهلوانن پاران جائن گرن بابت ڄاڻ ڏيندو لطيفا ٻڌائيندو رهيو جڏهن ته ملاڪڙي ۾ گادي نشين سيد خادم حسين شاهه، مل راند سان عشق ڪندڙ محمد رمضان وگهيو، رئيس ممتاز علي جمالي، جان محمد لنڊ، غلام سرور مستوئي، ڪامريڊ ذوالفقار جمالي، عبدالرحيم سرهيو ۽ ٻين دل کولي انعام ڏنا ملاڪڙي پهلوانن جي مل مقابلا ڏسڻ لاءِ هزارين مل شوقين موجود هئا جڏهن ته ڪامياب پهلوانن کي انعامن سان نوازيو ويو ميلي ۾ راڳ رنگ جي شاندار محفل پڻ ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز بڻيل رهي ان کان علاوه ٿيٽر ،موت جو کوهه، مٺائي جا دڪان ۽ ٻيون ڪيٽريون ٿي تفريحي سرگرميون پڻ ماڻهن جي دلچسپي جو سبب بڻيون رهيون جتي مردن ۽ ٻارن سميت ماڻهن جو وڏو انگ موجود هئو.

بقايا عوامي سوچ 05

ڪوٽ، واهن جي ڪانٽي توڙي صفائي نه ٿيڻ ڪري پاڻي پوڇڙ تائين نه پهچڻ ڪري آبادگارن کي پهچندڙ نقصان توڙي ڪين پيئڻ جي لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ سخت احتجاج ڪندي متاثر آبادگارن نور محمد شورو، عبدالحفيظ شورو، اصف آرائين، محمد بخش لاشاري، مدثر ارائين، رڪن الدين شورو، ڊاڪٽر امجد شورو، بشام، خداداد، جبلي، محمد يوسف شورو ۽ ٻين چيو ته تعلقي گهوڙاٻاري جي ڪانٽي واهه توڙي ان مان نڪرندڙ شورڪي واهه جي هڪ طرف ڪانٽي توڙي صفائي ٿي ناهي سگهي ته ٻئي طرف گذريل ٻن مهينن کان مزڪور واهن ۾ هترادو پاڻي بند ڪري بينل سمورن فصلن کي سڪائي زمينن کي بنجر بڻايو پيو وڃي، جنهن ڪري آبادگارن ۽ زميندارن کي وڏو نقصان پهچڻ سميت بينل فصل ساريون، ٽماٽا، توريون ۽ ٻيون سموريون سبزيون سڙي تباهه ٿي ويون آهن، جنهن ڪري آبادگارن کي پهچندڙ نقصان سبب سندن هٿ سندن مٿي تي اچي ويا آهن، هنن چيو ته ڪافي ڏانهون ڪيون آهن، پر اسانجي ڪير به ڏانهن توڙي پهچندڙ نقصان جي ازالي ڏانهن ڌيان نٿو ڏي، هنن ايريگيشن کاتي جي عملدارن، چونڊيل نمائندن سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته ڪانٽي واهه توڙي ان مان نڪرندڙ شورڪي واهه جي ڪانٽي ۽ صفائي ڪرائي ان ۾ پاڻي ڇڏي انسانن توڙي جانورن کي پيئڻ جي پاڻي سميت آبادگارن کي پنهنجي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي مهيا ڪري فصلن کي سوڪهڙي توڙي زمينن کي بنجر بڻجڻ کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 06

، ٻاڙيسرين سان گڏ پوليس پڻ پهچي وئي، ان موقعي تي جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي چيو ته هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت ڪيس ٽارگيٽ ڪري راهه تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هن چيو ته منهنجي ڪنهن سان به ڪا ذاتي دشمني ناهي، سنڌ وطن جي سياست ڪيون ٿا، ٿي سگهي ٿو ته منهنجو لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڪجهه قوتن يا حڪمرانن کان برداشت نه ٿيندو هجي جنهن ڪري ڪيس راهه تان هٽائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي، نواز شاهه پاڏائي هن معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آڻي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس توڙي سندس گهرڀاتين کي تحفظ مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 07

اٿي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز رئيس محمد علي خان ملڪاڻي درگاهه شاهه عقيق پهچي ڪارساز سانحي جي شهيد حمزو ماڪڙو جي مزار تي حاضري ڀري، چادر چاڙهي، گل نڇاور ڪري دعا گهري. ان موقعي تي شهيد کي شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو. شهيد جي مزار تي حاضري وقت سندس ساڻ محمد يوسف جمالي، ذوالفقار علي چانڊيو، ڏاڏا آفتاب چانڊيو، علي احمد رند، مولوي عبدالحميد جتوئي، غلام نبي ٿهيم، اقبال ميمڻ، محمد علي جتوئي، ساگر ميمڻ، آدم سنگهار، حفيظ الرحمان ميمڻ، سيٺ محمد ميمڻ، شڪور لوهار، ڏاڏا لطف علي جلباڻي، اختر چانڊيو، شاهد چانڊيو، محبوب عمراڻي، عبدالباري شيدي، قادر ڪنير، آمين خليفو، حڪيم شاهه، ارسلان ميمڻ، صادق سولنگي، ناشاد ملاح، اسماعيل منگسي، ولي محمد جت سميت پارٽي ڪارڪنن جو وڏو انگ پڻ موجود هو

بقايا عوامي سوچ 08

ت مسمات روبينا مهتم واري واقعي جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي سکر احمد چوڌري ڊي ايس پي روهڙي فهد ارشاد مغل کي معاملي تي فوري ڪارروائي ڪري متاثر عورت کي انصاف فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ايس ايس پي سکر جي هدايتن تي ڊي ايس پي روهڙي فهد ارشاد مغل جي سربراهيءَ ۾ ايس ايڇ او پٽڻي ڪارروائي ڪندي عورت تي تشدد ڪرڻ ۽ ڪيس قتل جون ڌمڪيون ڏيڻ جي الزام هيٺ سندس مڙس جوابدار محمد نواز مهتم کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب، گرفتار جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته متاثر عورت کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 09

خت ضرورت آهي، اهڙن خيالن جو اظهار سنڌي ادبي سنگت شاخ ٺٽو جي هڪ اهم ادبي ويهڪ جيڪا شاهه جي پارڪو ۽ نامور شاعر ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ جي صدارت ۾ ٿي گذري جنهن ۾ قلمڪارن گڏيل طور ڳالهائيندي ڪيون. ان موقعي تي تخليقڪارن ڀرپور شرڪت ڪري پنهنجون نڪور لڪئين تنقيد لاءِ پيش ڪيون. جن ۾ لعل بخش ڪاتيار مضمون، فقير غلام حسين گگدام نظم، احمد خان جاکرو غزل، فقير اڪرم مگٿهار مضمون، ڊاڪٽر مارو نظم، محمد خان ملاح غزل، فرحان علي صاحبراڻي گيت ۽ شهمير شاد بيت پڙهيو، جن تي سڪندر علي جاکرو، فقير ابن، نياز احمد ملاح ۽ ٻين اصلاحي جائزو پيش ڪيو. جڏهن ته پروگرام جي شروعات انور آرزو ميمڻ جي سريلي آواز ۾ شاهه جي سر ڪنيات مان وائيءَ سان ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 10

يون ۽ ڪين شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو، تقريب ۾ پ پ پ ڊويزنل صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي، ضلعي صدر ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو، ايم پي اي فقير شير محمد بلالاڻي، سينيٽر پونجومل ڀيل، جنرل سيڪريٽري سشيل ملاڻي، ڪامريڊ نندلال مالهي، ويرجي ڪولهي، وڪيل ڪندن مالهي، ڪملا ڀيل، فقير فيصل بلالاڻي، سراج سومرو، امير علي دل، ارباب اڪبر عادل، ذوالفقار سميجو، سليم راهمون، عمر لنڊ، پيرولال مڪي، وڪيل موهن ڀيل، لالا لڇپت ڀيل، غلام محمد جوٽيجو، انور لنڊ، پرديپ مهراج، ارباب خاصخيلي، وڪيل ڪنور امر، ناشاد رضوان، سنجئه مالهي، نبي بخش درس سميت ضلعي ۽ تعلقي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ڪارساز سانحي جا شهيد اسان جو فخر آهن، جن پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي جمهوريت جي بالادستي، آئين جي بقا ۽ ملڪ ۾ عوامي راڄ جي بحالي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي، پ پ پ ڪارڪنن جو اهو قربانين وارو سفر هميشه جاري رهندو ۽ شهيدن جو مشن هر حالت ۾ اڳتي وڌايو ويندو، آخر ۾ ڪار ساز سانحي سميت ملڪ ۽ جمهوريت لاءِ زندگيون قربان ڪندڙ سيني شهيدن جي مغفرت ۽ درجن جي بلندي لاءِ هٿ کڻي دعا گهري وئي.

بقايا عوامي سوچ 11

ري ۽ لازوال جدوجهد جي علامت آهي، پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ تاج محمد وساڻ چيو ته 18 آڪٽوبر 2007 تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي وطن واپسي تي ڪروڙين عوام جو سمنڊ اهو ثابت ڪري ڇڏيو ته عوامي ليڊر جو رشتو عوام سان ڪڏهن به ختم نٿو ٿئي، عوام اڄ به ڀٽو خاندان سان بي انتها محبت ڪري ٿو. هن چيو ته ڀٽو خاندان جي قربانين جي تاريخ سونهري اکرن سان لکڻ جهڙي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هن ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ، آئين ڏيڻ ۽ غريب کي عزت ڏيڻ جي ڏوهه ۾ ڦاهي چڙهي ويو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو جمهوريت جي جنگ ۾ پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو به ٻيرا وزيراعظم بڻجي ملڪ جي خدمت ڪئي ۽ آخر ۾ جمهوريت جي بقا لاءِ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي. تاج محمد وساڻ چيو ته 18 آڪٽوبر تي ڪارساز جي سانحي ۾ 180 کان وڌيڪ بيگناهه جيالن پنهنجي محبوب ليڊر جي تحفظ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. انهن شهيدن جو خون ڪڏهن به رائيگان نه ويندو. هن وڌيڪ چيو ته اڄ بلاول ڀٽو زرداري ۽ آصفه ڀٽو زرداري جي صورت ۾ ڀٽو خاندان جو مشن جاري آهي. پيپلز پارٽي جو هر جيالو شهيد ڀٽو ۽ شهيد بي بي جي مشن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته 18 آڪٽوبر اسان کي اهو سبق ڏئي ٿو ته آمرن ۽ سازشن جي مقابلي ۾ ثابت قدمي سان بيهڻو آهي. جمهوريت جي بقا لاءِ پيپلز پارٽي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهي

بقايا عوامي سوچ 12

سنڌياڻي تحريڪ يونٽ گهارو فلٽر پلاٽ جو يونٽ قائم ڪري آرگنائيزر سائيرا پليجو، سيڪريٽري ثمينه پليجو، جڏهن ته ميمبرن ۾ پريتي، گنگا، سنيتا، فاطمه لاشاري، حاجاڻي لاشاري ۽ خديجه پليجو کي چونڊيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي ناهيد جوکيو، مهرين پٽي، عظمه پليجو ۽ ٻين عورت اڳواڻن چيو ته سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن آهي. سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪيو ويندو. هنن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت بيان ملڪ اندر نفرت ۽ بيچيني پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجن ٿا. سنڌ ورهائڻ جا بيان ملڪ ٽوڙڻ جي سازش آهن. تنهن ڪري اهڙا بيان ڏيندڙ وزيرن مشيرن کي هٽائي مٿن آرٽيڪل 6 تحت ڪارروائي ڪئي وڃي. سنڌياڻي تحريڪ جي عورت اڳواڻن پنهنجي بيان ۾ چيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت سنڌ کي نياڻين ۽ معصوم ٻارڙن لاءِ موت جو کوس گهر بڻائي ڇڏيو آهي. جتي روزانو عورتن جو کلي عام قتلِ عام ٿي رهيو آهي. جرڳن ذريعي معصوم نياڻين کي سنگ چٽي ۾ ڏئي عورتن تي ٿيندڙ ظلم، بربريت ۽ جهالت کي باقاعده سرڪاري هٿي ڏني پئي وڃي. هنن چيو ته اهڙي خوفناڪ ۽ وحشتناڪ صورتحال سنڌ جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به نه هئي. جيڪا پيپلز پارٽي جي موجوده دورِ حڪومت ۾ ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي. اجلاس ۾ سنڌياڻي تحريڪ ٺٽو جي ضلعي اڳواڻن شمائل ميربحر، شاهد ميربحر، سائره پليجو، ثمينه پليجو ۽ ٻيون پڻ موجود هيون.

بقايا عوامي سوچ 13

اٿي سالار گوپانگ، زال سونيا ڌيءُ شاز ۽ معصوم 5 سالا پٽ سهيل ۽ عورتون سخت زخمي ٿي پيون. حادثي ڪانپوءِ زخمين کي ترت اسپتال منتقل ڪيو ويو. جتي سالار گوپانگ ۽ معصوم پٽ سهيل جي حالت گٽتي جوڳي هجڻ سبب ڪين دادو جي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال مان وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو. وارثن موجب حادثو تيز رفتار ٽرالر سبب پيش آيو. جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوارن کي سخت ڌڪ لڳا. حادثي ڪانپوءِ ٽرالر کي پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿي ويو، واقعي ڪانپوءِ زخمين جي وارثن ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته حادثي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، فرار ٿيل ڊرائيور کي گرفتار ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ زخمين کي بهتر علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا عوامي سوچ 14

تنظيم جي اعزازي ڪوآرڊينيٽر سنڌ آزاد الطاف حسين ٽنيو کي انساني حقن واري کاتي، حڪومت سنڌ پاران ضلعي ٺٽي لاءِ فوڪل پرسن جي اضافي ذميواري ملڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي. ان موقعي تي رانا بشارت علي خان چيو ته انساني حقن واري کاتي، حڪومت سنڌ پاران آزاد الطاف حسين ٽنيو کي ضلعي ٺٽي ۾ فوڪل پرسن جي اضافي ذميواري ڏيڻ انساني حقن جي تحفظ، مظلوم ۽ محروم طبقن جي داد رسي ۽ عوامي مسئلن کي لاڳاپيل اختيارين تائين پهچائڻ جي حوالي سان اهم قدم آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته الطاف حسين ٽنو پنهنجي اڳوڻين سماجي ۽ انساني حقن بابت خدمتن ۽ تجربي کي استعمال ڪندي نئين ذميواري پڻ ايمانداري، محنت ۽ احساسِ ذميواري سان نڀائيندو، رانا بشارت علي خان، انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ جي مقصدن ۽ اصولن تي روشني وجهندي چيو ته هن عالمي انساني حقن واري تنظيم جو بنيادي مقصد سڄي دنيا ۾ انساني حقن بابت شعور کي هٿي وٺرائڻ، انساني وقار جو تحفظ ڪرڻ، ظلم ۽ ناانصافي خلاف آواز اٿارڻ ۽ رنگ، نسل، ٻولي، ذات پات، مذهب ۽ ٻين سمورن امتيازن کان مٿانهون ٿي انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي. هن چيو ته انساني حقن جو تحفظ صرف سرڪاري ادارن جي ذميواري ناهي، پر معاشري جي هر فرد، سماجي تنظيم، صحافي، وڪيل، دانشور ۽ باشعور شهري جو پڻ فرض آهي. هڪ مهذب معاشري جو بنياد انصاف، برابري، برداشت ۽ قانون جي بالادستي تي قائم هوندو آهي. جتي ڪنهن به شهري جا بنيادي حق پائمال ٿين، اتي لاڳاپيل ادارن ۽ انساني حقن جي ڪارڪنن کي قانون جي دائري اندر رهندي متاثر ماڻهن جي مدد ۽ داد رسي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. عالمي چيئرمين وڌيڪ چيو ته انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ انساني حقن جي واڌاري، مظلومن جو آواز بلند ڪرڻ، عوام ۾ قانوني ۽ آئيني شعور پيدا ڪرڻ ۽ معاشري ۾ پائيچاري، امن ۽ انصاف جي قيام لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. هن ان عزم جو اظهار پڻ ڪيو ته تنظيم جا سمورا ذميوار ۽ ڪارڪن انسانيت جي خدمت کي پنهنجو نصب العين بڻائيندي بنا ڪنهن فرق جي انسانيت جي خدمت ڪندا رهندا.

بقايا عوامي سوچ 15

اڄ مليرجي علائقي نوبت شاهه سومار ڪڏاڻي سومار اسماعيل ڳوٺ جي غيرت مند ۽ پريشان حال رهواسين تاريخي قبرستان جي زمين تي لينڊ مافيا جي قبضي جي گهناوني سازش خلاف هڪ زوردار احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين خبردار ڪيو ته قبرستان جي مقدس زمين تي ڪنهن به قبضي کي خون جي آخري قطري تائين روڪيو ويندو مظاهرين ۽ ڳوٺ جي معززين احتجاج ڪندي انڪشاف ڪيو ته هي قبرستان برطانوي دور حڪومت کان اسان جي (آبادن) جي امانت آهي. جتي صدين کان اسان جي پيارن جي دفنائڻ جو سلسلو هلي رهيو آهي. ڳوٺاڻن انتهائي ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ٻڌايو ته ڪل زمين 36 ايڪڙ هئي، جنهن مان مافيا ملي ڀڳت سان گهڻي زمين پهريان ئي وڪرو ڪري چڪي آهي. هاڻي هن تاريخي قبرستان جي نالي تي صرف 2 ايڪڙ زمين بچي آهي. ۽ هاڻي لينڊ مافيا هن آخري حصي کي به هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي. اسٽيڊيم جي آڙ ۾ فلڪ ناز کي زمين وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڪي بااثر عنصر ۽ نام نهاد ماڻهو هڪ "اسٽيڊيم" جي آڙ ۾ هن قبرستان جي قيمتي زمين فلڪ ناز پروجيڪٽ کي وڪرو ڪرڻ جي مذموم سازش ڪري رهيا آهن. جنهن کي علائقي جا رهواسي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. قبضي ۾ ملوث ڪردار مظاهرين کلي عام لينڊ مافيا جي سرپرستن ۽ ڪردارن جا نالا وائڪا ڪندي ٻڌايو ته هن قبضي جي پويان هيٺيان ماڻهو سڌي طرح ملوث آهن: اڳوٺو ناظم: ساجد خاصخيلي ڪائونسلر: فاروق خاصخيلي ٻيا ڪردار: لطيف خاصخيلي قبرستان بچايو تحريڪ ۽ احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڳوٺ جي اڳواڻن ڪئي. جن ۾ وڏي انگ ۾ بزرگ ۽ نوجوان پڻ شامل هئا. نمايان شرڪت حنيف خاصخيلي حاجي لغاري مولا بخش ميمڻ اڪرم خاصخيلي علي شير خاصخيلي ذوالفقار بلوچ ۽ وڏي تعداد ۾ ٻيا ڀهراڙيءَ ۽ علائقي جا رهواسي شامل هئا. ڳوٺاڻن سنڌ جي وزيراعليٰ، آءِ جي سنڌ، ڪمشنر ڪراچي ۽ ايس ايس پي مليرکان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته:قبرستان جي باقي بچيل 2 ايڪڙ زمين تي قبضي جون ڪوششون فوري طور بند ڪيون وڃن. قبرستان جي زمين وڪرو ڪرڻ ۽ ان جي سازش ۾ ملوث اڳوٽي ناظم ساجد خاصخيلي، ڪائونسلر فاروق خاصخيلي ۽ لطيف خاصخيلي خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي. غريب عوام جي بنيادي مذهبي ۽ اخلاقي حقن تي ڌاڙو هڻندڙ لينڊ مافيا کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. مظاهرين عزم ظاهر ڪيو ته جيستائين اسان جا مطالبا نه مڃيا ويا ته هن احتجاج جو دائرو سڄي ڪراچي تائين پکيڙيو ويندو، جنهن جي سڄي ذميواري ضلعي انتظاميه ۽ قابض مافيا تي هوندي

بقايا عوامي سوچ 16

ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر مير علي نواز مگريو پٽائي آباد ڪراچي پهچي مگريا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي شيلٽر هوم جي افتتاحي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب ۾ برادري جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري مرڪزي صدر جو شاندار استقبال ڪيو ۽ گلن جي ورڪا ڪئي. ان موقعي تي مرڪزي صدر مير علي نواز مگريو چيو ته ڪراچي ۾ علاج ۽ ٻين ڪمن ڪارن لاءِ ايندڙ مگريا برادري جي ٻي پهچ، غريب ۽ پريشان حال ماڻهن کي رهائش نه هجڻ ڪري سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوندو هو. انهي کي نظر ۾ رکندي برادري جي ضرورتمند ماڻهن لاءِ شيلٽر هوم قائم ڪيو ويو آهي. هن چيو ته ڪراچي ڊويزن جي ٽيم جس لهي، جنهن هڪ زبردست عملي ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، خاص طور تي ڪراچي ڊويزن جي آرگنائيزر الهه بخش مگريو جس لهي جنهن ٿوري عرصي ۾ ويلفيئر لاءِ زبردست خدمتون انجام ڏنيون آهن. هن چيو ته ليبر ونگ جا پورهيت اسان جي ويلفيئر جا سپاهي آهن، انهن جو ايڪي ۽ ٻڌي وارو عمل ساراهه جوڳو آهي. مرڪزي صدر وڌيڪ چيو ته آل سنڌ مگريا ويلفيئر ايسوسيئيشن مگريا برادري جي هڪ رجسٽرڊ تنظيم آهي جيڪا پنهنجي برادري لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهي آهي، ان ڪري اوهان سڀ گڏجي هن ويلفيئر کي مضبوط ڪيو ۽ پنهنجي برادري لاءِ آسانيون پيدا ڪيو. هن ليبر ونگ جي چيف آرگنائيزر سنڌ غلام مصطفيٰ مگريو جي تنظيمي ڪم ۽ محنتن کي زبردست ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته انشاءَ الله تمام جلد ڪراچي ۾ مگريا برادري جو هڪ وڏو جلسو منعقد ڪيو ويندو. ان موقعي تي مهمانن ۾ ڊاڪٽر محمد رفيق مگريو، ايڊووڪيٽ عبدالقدوس مگريو، ايڊووڪيٽ دلنواز مگريو مرڪزي صدر سان گڏ هئا. جن کي سنڌي ثقافت طور اجرڪون پيش ڪيون ويون. افتتاحي تقريب ۾ آرگنائيزر ليبر ونگ ڪراچي ڊويزن منظور احمد مگريو، راحيل احمد مگريو، سڪندر علي مگريو، ميوو خان مگريو، اوشاق علي مگريو، اياز علي مگريو، امتياز علي مگريو، فرمان مگريو، اسد مگريو، عمران مگريو، عبدالسميع مگريو، مجاهد مگريو، عمير مگريو، جاويد مگريو، جهانگير مگريو، زاهد مگريو، زهيب مگريو، مولوي علاؤالدين مگريو، شاهد مگريو ۽ مگريا برادري جي ٻين ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 17

فتار ڪار روڊ پرسان گاڏي جي انتظار ۾ ويٺل مسافرن مٿان چڙهي وئي نتيجي ۾ ماءُ پٽ سميت 2ڄڻا فوت 3 زخمي. فوتين جا لاش ۽ زخمي تعلقي اسپتال ٽنڊوغلام حيدر منتقل فوتين ۾. هڪ ورهين جو ڊبلو ڪولهي ۽ سندس امڙ 35 ورهين جي سيما ڪولهي جڏهن ته زخمين ۾ سنيتا ،والجي ۽ جيوڻ ڪولهي شامل ٽنڊوغلام حيدر پوليس ڪار کي ڊرائيور سميت تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 18

اڳ مون ٽنڊو آدم مان شادي ڪئي هئي منهنجي گهر واري کي اڳ ئي هڪ نياڻي هئي جيڪا هو پاڻ سان گڏ وٺي آئي هئي پوئين 6 سالن کان اسان خوش زندگي گذاري رهيا هئاسين پر 6 مهينا اڳ آگسٽ جي 4 تاريخ تي منهنجي گهر واري وفات ڪري وئي گهرواري جي وفات کان پوءِ به نياڻي کي مون پنهنجي اولاد جيان پاليو جنهن بعد گذريل ڏينهن منهنجي پاڇائي جيڪا منهنجي سالي به آهي منهنجي سهري ميرخان ڪاتيار جيڪو ٽنڊو آدم جو رهواسي آهي متياري مان منهنجي نياڻي وجيها کي اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن گذريل ڏينهن اسان نياڻي جي گمشدگي جو ميڊيا تي هلرايو ته سندس ناني فون ڪري چيو نياڻي مون وٽ آهي اچي ڪٽي وڃو ان بعد جڏهن آئون ٽنڊوآدم پهتس ته منهنجي سهري چيو ته چوڪري اسان جي آهي تنهنجو ان سان ڪو واسطو ناهي اسان چوڪري شهدادڪوٽ موڪلي ڇڏي آهي ارسلان ميمڻ جو چوڻ هو ته ڏهن سالن کان نياڻي کي مون اولاد جيان پاليو آهي ناناڻن سندس پڇيو به ڪونه هاڻي نياڻي سندس ناناڻا اغوا ڪري ڪٽي ويا آهن مون اهڙي اين سي متياري ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي پر پوليس ڪالهه کان وٺي ايسٽائين ڪک پڇي ٻيٺو نه ڪيو آهي آئون وس وارن کي اپيل ٿو ڪيان ته خدارا مون کي نياڻي واپس ڪرائي وڃي...

بقايا عوامي سوچ 19

يناطور جوابدارن باهه ڏئي ڇڏي جنهن جي نتيجن هڪ سئومڻ ساريون 5 هزار مڻ سارين جو پلال سڙي رک ٿي ويو جڏهن هارين مڙسي ڪري اوطاق تي سڙڻ کان بچائي ورتو ان سلسلي ۾ هارين نورمحمد ملاح .رمضان ملاح حسين بخش ملاح شفيع ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته زمين جي پرسان رهندڙ بااثر جوابدارن ڪاله ڌمڪيون ڏنيون هيون رات اوطاق ۽ ڍيري کي باهه ڏئي وڏو نقصان ڪيو آهي هنن اپيل ڪندي چيو اسان مسڪينن جو فصل ۽ لکين روپين جي ماليت جو پلال ساڙي ظلم ڪيو ويو آهي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان، ايس ايس ايڇ او ٽنڊوغلام حيدر معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 20

سينيئر ڪارڪنن ممتاز لغاري، مصطفيٰ مگريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ پارٽي ڪارڪنن سخت نعريبازي ڪندي احتجاج ڪيو. احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته مستحق پارٽي ڪارڪنن کي نظرانداز ڪري مليل 981 نوڪرين مان 500 کان وڌيڪ نوڪريون مبينا طور وڪرو ڪيون ويون آهن. جڏهن ته سرڪاري ملازمن کي پارٽي جا عهدا پڻ ڏنا ويا آهن. هنن ايم اين اين ايم پي ايز ۽ ٽائون چيئرمينن تي پنهنجن ماڻهن کي نوازڻ.

ڪاغذن ۾ ترقياتي ڪم ڏيکارڻ ۽ ڪرپشن جا سنگين الزام پڻ هنيا. احتجاج ڪندڙ پ پ جي مرڪزي قيادت کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 21

نئون ڪوٽ جي نيو حريم گارڊن هال ۾ ڪٽڪ، بصر، ٽماٽي، مرچ ۽ ڪپهه جي پيداوار وڌائڻ، فصلن جي حفاظت ۽ آبادگارن جي سهولت ۽ ڄاڻ بابت هڪ رنگارنگ تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ نئون ڪوٽ ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن مان وڏي انگ ۾ آبادگارن، زميندارن، شهرين ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي آر ايس ايم غلام سرور ڪمبوهه، ٽيڪنيڪل سيلز آفيسر وقار ڪوڪر، سينيئر فيلڊ آفيسر محمد شاڪر آرائين، عرفان خاصخيلي، آر ايس ايم عرفان آرائين، ڪاشف حسين، دلشاد رند ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته موسمي تبديلين جا فصلن تي پوندڙ اثر ڪيئن گهٽائي سگهجن ٿا، فصلن جي حفاظت ڪيئن ڪجي ۽ زرعي پيداوار ۾ ڪيئن واڌارو آڻي سگهجي ٿو. هنن ڪٽڪ، ٽماٽي ۽ بصرجي بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ ۽ آبادگارن کي زرعي فصلن مان وڌيڪ فائدو وٺڻ بابت تفصيلي ڄاڻ فراهم ڪئي. تقريب دوران آبادگارن کان مختلف سوال پڻ پڇيا ويا، جن جا صحيح جواب ڏيندڙن ۾ انعام ورهايا ويا. تقريب جي پڄاڻيءَ تي آيل مهمانن جي مانُ ۽ مهمان نوازيءَ لاءِ ڪاڏي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. ان موقعي تي سيٺ چيتن داس اينڊ سنز پاران تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن، شهرين، آبادگارن ۽ معزز شخصيتن جا ٿورا مڃيا ويا

بقايا عوامي سوچ 22

ب پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سندس ٺي برادري جا بااثر ڪيس تنگ ڪري رهيا آهن ۽ سندس گهر تي بنا اجازت داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي جاني نقصان پهچائڻ جو خطرو پيدا ڪيو پيو وڃي متاثر محمد حسن ناپر جو چوڻ هو ته بااثرن جي مبينا حرڪتن سبب هو ۽ سندس گهر ڀاتي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن هن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڪيس گهر ڏانهن اچ وڃ لاءِ ڏکڻ طرف کان رستو فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو بنا ڪنهن رنڊڪ جي پنهنجي گهر تائين پهچي سگهي هن وڌيڪ اپيل ڪئي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي ڪيس ۽ سندس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ قانون موجب ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڏياريو وڃي

بقايا عوامي سوچ 23

ٻن ڏينهن وارا "شيرِ سنڌ ڪوڏي ڪوڏي" جا مقابلا منعقد ڪرايا ويا، جن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي رانديگرن تي مشتمل ٽيمن حصو ورتو ۽ پنهنجي راند جي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. فائنل مقابلي ۾ سنڌ جي ٽيم شاندار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ شيرِ سنڌ جي ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي. فائنل تقريب جو خاص مهمان راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي سنڌ جو سيڪريٽري منور علي مهيسر هو. جڏهن ته ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس مير محمد، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر اخلاق ميمڻ ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا. مقابلن جي پڄاڻيءَ تي فاتح ٽيم ۽ مهمان ٽيم جي رانديگرن ۾ ٽرافيون ۽ نقد انعام ورهايا ويا. مقابلن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي نامور رانديگرن، جن ۾ جانب عمراڻي، شاهنواز ميراڻي، امانت چاچڙ، شانو ملڪ ۽ عامر فوجي سميت ٻيا رانديگر شامل هئا، حصو ورتو. ان موقعي تي سکر، خاص طور پراڻي سکر جي شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌ جي روايتي ۽ ثقافتي راند ڪوڏي ڪوڏيءَ سان پنهنجي گهري دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو. مقابلن جي پڄاڻيءَ تي علائقائي فنڪارن لوڪ موسيقي ۽ مختلف ڌنن ذريعي شريڪ ماڻهن کي محظوظ ڪيو ۽ داد حاصل ڪيو. ان موقعي تي راندين واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اهڙن مقابلن ڪرائڻ جو بنيادي مقصد علائقائي ۽ روايتي راندين کي هٿي ڏيڻ، نوجوانن کي صحتمند ۽ مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ سنڌ جي ثقافتي ورثي کي محفوظ رکڻ آهي. هن چيو ته روايتي راندين جي واڌاري سان نوجوانن ۾ راندين جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ علائقائي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ مدد ملندي

بقايا عوامي سوچ 24

ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. 17 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل سرڪاري حڪم موجب ٻنهي اهلڪارن کي ايندڙ حڪم تائين انسپيڪٽر جنرل سنڌ جيل کاتي ۽ اصلاحي خدمتن جي ڪراچي آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. حڪم نامي جون ڪاپيون ڊي آءِ جي جيل کاتو حيدرآباد، انچارج سينٽرل جيل ميرپورخاص سميت لاڳاپيل اختيارين ڏانهن پڻ اماڻيون ويون آهن. جڏهن ته ٻنهي اهلڪارن کي 19 آڪٽوبر 2026ع تي ڪراچي هيڊڪوارٽر ۾ رپورٽ ڪرڻ جو پابند ڪيو ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 25

جمينٽ سروسز) مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرن جو نوٽيس وٺندي، پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد جو دورو ڪيو جتي ضلعي مئنيجر ميڊيڪل آفيسر هيڊ ڪوارٽر ڊاڪٽر سنيل ڪمار ۽ مانيٽرنگ آفيسر پريجي مل سان گڏ مختلف شعبن جو جائزو ورتو. پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد جي انچارج سينئر ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر پرديپ ڪمار هن مهيني جي رڪارڊ تي بريفنگ ڏني. جنهن مطابق بنيادي صحت مرڪز محمود آباد جي او پي ڊي 1500 کان وڌيڪ هئي جيڪا مقامي ڪميونٽي جي ڊاڪٽرن تي اعتماد جو عڪس آهي. ان سان گڏ 185 حامله عورتن جو طبي معائنو ڪيو ويو ۽ ٻيون طبي سهولتون جهڙوڪ ليب ٽيسٽ، خانداني منصوبابندي ۽ دوائون پڻ ڪافي اسٽاڪ ۾ موجود هيون. ليبر روم، پاڻي جي سهولت ۽ صفائي سترائي، ساراهه جوڳي هئي. ضلعي مئنيجر ميرپورخاص _اي دوري ڪان پوءِ هڪ ڪميونٽي ميٽنگ منعقد ڪئي جتي معزز شهرين بنيادي سهولتن جي بنياد تي ميڊيڪل آفيسر ۽ ضلعي ٽيم تي اعتماد ڪيو ۽ چيو ته پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد خلاف شايع ٿيندڙ خبرون من گهڙت ۽ بي بنياد آهن. ضلعي مئنيجر ڪميونٽي جي ميمبرن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته پي پي ايڇ آءِ جون ضلعي ٽيمون ڏينهن رات ڪميونٽي جي خدمت لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن. شڪايتن جي صورت ۾. هڪ آن لائن سيل پڻ آهي جنهن جي نگراني هيڊ آفيس ۽ ريجنل آفيس ڪري ٿي. تنهن ڪري، ميڊيا تي بي بنياد خبرن تي ڌيان ڏيڻ بدران، شڪايتون شڪايت مئنيجمينٽ سيل ۾ داخل ڪرايون وڃن. جنهن جو فوري طور تي ازالو ڪيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 26

ٽن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. حادثي جو شڪار ڪار اين سي وي ڊي حيدرآباد جي عملي جي هئي. جيڪي جهڏو مان واپس اچي رهيا هئا ته ٻاءِ پاس وٽ تيز رفتار ڪوسٽر جي زد ۾ اچي ويا. ٽڪر ايترو شديد هو جو ڪوسٽر پڻ اونڌي ٿي پئي. جنهن سبب ان ۾ سوار مسافرن مان به ڪجهه ڄڻا زخمي ٿي پيا. جڏهن ته روڊ تي موجود هڪ واٽهڙو پڻ زخمي ٿيڻ جو اطلاع آهي. زخمين کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 27

درون چاڙهي فاتح خواني. ان موقعي تي شاهه رخ انور سيال چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڊگهي جلاوطني ختم ڪري ڏيهه پهتي ته ڪراچي ۾ لکين ماڻهن سندن جو شاندار استقبال ڪيو ۽ محترمه جو قافلو جيئن ئي ڪارساز تي پهتو ته هڪٻئي پٺيان ٻه زوردار ڌماڪا ٿيا جنهن ۾ 200 جانثار ۽ ڪارڪن شهيد ٿيا جڏهن ته 500 جي لڳ ڀڳ ڪارڪن زخمي ٿيا. اڄ انهن شهيدن جي 19 هين ورسي آهي، جن کي اسين ڀيٽا پيش ڪندي اهو عزم ورجايون ٿا ته شهيدن جي ڇڏيل مشن کي اسين چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف علي زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي اڳواڻيءَ ۾ پايه تڪميل تائين پهچائينداسين.

بقايا عوامي سوچ 28

۽ بابرڪت محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پير طريقت رهبر شريعت پير دلبر سائين خصوصي خطاب ڪيو. محفل دوران عقيدت ۽ احترام واري فضا قائم رهي، جڏهن ته عاشقانِ رسول صہ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي پير طريقت رهبر شريعت پير دلبر سائين عشقِ رسول صہ، حضور نبي ڪريم صہ سان سچي محبت، اسلامي تعليمات تي عمل، پائيچاري، اتحاد ۽ انسانيت جي خدمت جي اهميت تي روشني وڌي. هن چيو ته حضور اڪرم صہ جي سيرت مبارڪ اسان سيني لاءِ بهترين نمونو آهي، جنهن تي عمل ڪري پنهنجي زندگيءَ کي سنواري سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته اسلامي تعليمات اسان کي محبت، امن، برداشت، رواداري ۽ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ جو درس ڏين ٿيون. اسان سيني کي گهرجي ته پاڻ ۾ اتحاد ۽ اتفاق پيدا ڪريون، ضرورتمندن جي مدد ڪريون ۽ معاشري ۾ محبت، پائيچاري ۽ هم آهنگي کي هٿي وٺرايون. هن چيو ته اهڙين روحاني محفلن جو مقصد ماڻهن جي دلين ۾ عشقِ رسول صہ جي جذبي کي اجاگر ڪرڻ، ديني شعور کي بيدار ڪرڻ ۽ اسلامي تعليمات جي پيغام کي عام ڪرڻ آهي. حضور نبي ڪريم صہ جي سنت مبارڪ تي عمل ڪرڻ سان ئي اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ سٺا اخلاق ۽ اعليٰ انساني قدر پيدا ڪري سگهون ٿا. محفل ۾ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته درود ۽ سلام جون صدائون بلند ٿينديون رهيون. روحاني ۽ عقيدت ڀريي ماحول ۾ شرڪت ڪندڙن حضور نبي ڪريم صہ سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو. آخر ۾ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا گهري وئي ته اها بابرڪت محفل قبول فرمائي، سموري امت مسلمه کي اتحاد ۽ اتفاق عطا ڪري، اسان سيني کي عشقِ رسول صہ جي سچي جذبي سان نوازيندو رهي ۽ حضور نبي ڪريم صہ جي سنت مبارڪ تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي

بقايا عوامي سوچ 29

تاج محمد وساڻ جي تعزيت ڪراچي جي علائقي مولا عيسيٰ ڳوٺ ۾ محمد صالح چنا جي وفات تي پيپلز پارٽي ۽ سماجي اڳواڻ تاج محمد وساڻ، سماجي اڳواڻ سليمان وساڻ، اعجاز وساڻ، امتياز وساڻ ۽ ٻين پهچي تعزيت ڪئي ۽ ڏک ونڊيو. تفصيل موجب محمد صالح چنا کي رات دير سان دل جو ميجر اٽيڪ پيو جنهن سبب هو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. مرحوم جي وفات جي خبر تي علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي. پ پ اڳواڻ تاج محمد وساڻ ۽ سندس ساٿين مرحوم جي گهر پهچي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري. ان موقعي تي تاج محمد وساڻ چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان پوئينرن سان برابر جا شريڪ آهيون. الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري.

بقايا عوامي سوچ 30

اميابي حاصل ڪئي. جڏهن ته نوابشاهه سان تعلق رکندڙ افضل خالد حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جو صدر چونڊيو ويو. خالد رستماڻي جي پينل وڏي اڪثريت سان چونڊ کٽي. چونڊ نيشنل اسٽيڊيم ڪراچي ۾ ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي ستن ضلعن جي عهديدارن حصو ورتو. انجنيئر ملڪ محمد مزمل جي ڪاميابي کي بدين ضلعي لاءِ هڪ اهم اعزاز قرار ڏنو پيو وڃي. ڄاڻڪارن ته ڏنل معلومات موجب، ضلعي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، هتان جو ڪو شخص حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو آهي. انجنيئر ملڪ محمد مزمل جي ڪاميابي تي، ڪرڪيٽ ڪلب ضلعي بدين جي صدر عبدالحميد زنيور سميت سنڌ ۽ حيدرآباد ڊويزن جي سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن ڪيس مبارڪباد ڏني آهي ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي. اميد هئي ته انهن جي ڪاميابي بدين ضلعي سميت حيدرآباد ڊويزن جي ڪرڪيٽرن کي اڳتي وڌڻ جا وڌيڪ موقعا فراهم ڪندي ۽ علائقائي ڪرڪيٽ کي فروغ ڏيڻ. نوجوان رانديگرن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ ڪرڪيٽ نظام کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڪندي. ڪرڪيٽ حلقن موجب. هي ڪاميابي نه رڳو بدين ضلعي جي ڪرڪيٽرن لاءِ پر سڄي علائقي لاءِ خوشي ۽ اعزاز جو سبب آهي.

بقايا عوامي سوچ 31

ي مال تباهه ڪرڻ جو ڳوٺاڻن الزام هنيو آهي. واقعي خلاف متاثر ڳوٺاڻن مردن ۽ عورتن احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان شفاف جاچ ۽ نقصان جي ازالي جو مطالبو ڪيو آهي. احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن حاجي ماڇي، انو ماڇي اڪبرماڇي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته حسن ماڇي نالي هڪ شخص پوليس کي گهربل آهي. جنهي بهاني پوليس سندن 8 گهر ڊاهي پٽ ڪري باهه ڏئي ڇڏي. جنهن سبب گهرن ۾ پيل سامان ۽ ٻيو قيمتي مال سڙي تباهه ٿي ويو ۽ ڪين وڏو مالي نقصان پهتو آهي. متاثر ڳوٺاڻن ايس ايس پي سجاول، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي. ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر خاندانن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 32

قومي شاهراهه افضل چونڪ تي پهتو. جتي وڪيلن، شهرين پاران گلن جي ورڪا ڪئي وئي ان موقعي ڌرتي مارچ جي اڳواڻن گمي نٿو مڃيان. وفاق حڪومت سنڌ ۾ گورنر راڄ لڳائڻ جو سوچي به نٿي سگهي. ڪي پي ۽ سنڌ جا معاملات الڳ الڳ آهن سنڌ جا ماڻهو سجاڳ ٿين ۽ سنڌ ماءُ سان بيهن. سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن سازش ٿي ته سنڌ جي جڳهه ڪي ٻيرلو ٻڌائي ڇڏينداسين. ريلي ۾ عامر نواز وراڻچ، ارشد شر، حسيب جمالي، ڪي بي لغاري ۽ ٻيا اڳواڻ ۽ وڪيل گڏ هئا..

بقايا عوامي سوچ 33

ٿي ويو آهي. گمبٽ، کهڙا، فقير آباد، اڳڙا ۽ رپڙي سميت سڄي تعلقي ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿي ويو آهي. جڏهن ته 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1800 روپين ۽ 20 ڪلو وارو ٿيلهو 3600 روپين تائين وڪرو ٿي رهيو آهي. مزدورن ۽ پورهيتن جو چوڻ آهي ته اسان روز 800 کان 1000 روپيه ڪمائيندا آهيون. ايتري مهانگائي ۾ ٻچن جو پيٽ ڪيئن پاليون گمبٽ جي رهواسين ضلعي انتظاميه خيرپور، اسسٽنٽ ڪمشنر گمبٽ ۽ ڊي سي خيرپور کان مطالبو ڪيو آهي ته گمبٽ، کهڙا، فقير آباداڳڙا ۽ رپڙي ۾ سرڪاري سستي اٽي جا اسٽال لڳائي غريب عوام کي رليف ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 34

جي روڪٿام جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايس ايڇ او گمبٽ محمد هاشم هڪڙو يقين ڏيارينديچيو ته گمبٽ ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ ۽ ڪرائم تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس. ڪنهن به ڏوهاري عنصر کي برداشت نه ڪيو ويندو عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جي ٽيم ايس ايڇ او گمبٽ محمد هاشم هڪڙو جي هن عزم کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته پوليس عوام جي سهڪار سان شهر ۾ امن قائم رکند

بقايا عوامي سوچ 35

اهو آهي ته سرڪاري اگهن تي عملدرآمد ڪرائڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟ اوگرا، ڊپٽي ڪمشنر يا اسسٽنٽ ڪمشنر مان ڪير عملي قدم کڻندو لاڳاپيل اختيارين کي گهرجي ته ايل پي جي جي دڪانن تي چڪاس ڪن. مقرر اگهه تي وڪري کي يقيني بڻائين ۽ وڌيڪ اگهه وٺندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪن. گروپ جي معزز ميمبرن کي گذارش آهي ته قانوني طريقيڪار ۽ شڪايت داخل ڪرائڻ بابت رهنمائي ڪن. ته جيئن عوام کي سرڪاري اگهه تي گئس ملي سگهي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سجاول جي معزز واپاري ۽ شهرين پاران ڏنل شاندار آجياڻي جي دعوت

پ پ جي سرگرم اڳواڻ پاءِ عبداللطيف ميمڻ، پ پ تعلقه سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ جي فرزند عاطف اقبال ميمڻ ۽ شاهزيب شاهه بخاري شرڪت

اڳواڻن کي پبلڪ پارڪ آمد موقعي تي وڏي تعداد ۾ شهرين گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪري پنڊال تائين آندو ويا

معزز واپارين، ديوان برادري، ميمڻ برادرزي، کٽي برادري، عمراڻي برادري، شيخ برادري، جوڻيجا برادري، ملاح برادرزي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول جي معزز واپاري ۽ شهرين پاران ڏنل شاندار آجياڻي جي دعوت ۾ پ پ جي سرگرم اڳواڻ پاءِ عبداللطيف ميمڻ، پ پ تعلقه سجاول جي صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ جي فرزند عاطف اقب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

سنڌ حڪومت جي ميزباني هيٺ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن چيمپئن شپ 2026ع جو اسپورٽس ڪلب سکر ۾ آغاز

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سنڌ حڪومت جي ميزباني هيٺ نيشنل جونيئر بيڊمنٽن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

ميرپورخاص ۾ سانحي ڪارساز جي شهيدن جي ورسي، قرآن خواني ۽ اجتماعي دعا، پيٽا پيش

ميرپورخاص (بيورو بيوروچيف سومارسميجو) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کوڙو ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

جوهي، جوهي شهر ۾ سيد آندل شاهه بخاري سيد ضمير حسين شاهه بخاري جي ميلي جو فائنل ملاکڙو

ملاکڙو پهرين جوڙ ۾ پهلوان قربان هوتي پوٽو کي پهلوان گلبهار چانڊيو پوئين ملهه دسي ڪاميابي حاصل ڪئي

ٻئي جوڙ ۾ پهلوان ببابر جمالي کي پهلوان سجاد لغاري ٻئي ملهون دسي ٻئي جوڙ جو انعام حاصل ڪيو

ٽئين جوڙ ۾ بلوچستان جي پهلوان ضمير شيدي پهلوان نندو هوتي پوٽي پوئين ملهه دسي انعام حاصل ڪيو

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي، جوهي شهر ۾ سيد آندل شاهه بخاري سيد ضمير حسين شاهه بخاري جي ميلي جو فائنل ملاکڙو، پهرين جوڙ ۾ پهلوان قربان هوتي پوٽو کي پهلوان گلبهار چانڊيو پوئين ملهه دسي ڪاميابي حاصل ڪئي، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

گهوڙاٻاري جي ڪيترن ئي آبادگارن واهه ۾ پاڻي جي هٿرادو پيدا ڪيل کوٽ

آبادگارن کي پهچندڙ نقصان توڙي ڪين پيئڻ جي لاءِ پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ سخت احتجاج

تعلقي گهوڙاٻاري جي ڪانٽي واهه توڙي ان مان نڪرندڙ شورڪي واهه جي هڪ طرف ڪانٽي توڙي صفائي تي ناهي سگهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) تعلقي گهوڙاٻاري جي مختلف واهن ڪانٽي واهه ۽ شورڪي شاخ جي ڪيترن ئي آبادگارن واهه ۾ پاڻي جي هٿرادو پيدا ڪيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

نواز شاهه پاڏائي جي مڪلي واري رهائشگاهه تي نامعلوم موٽر سائيڪل سوران پاران فائرنگ ڪري علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکيڙي ڇڏيو

اطلاع ملڻ تي وڏي تعداد ۾ ڪارڪن، پاڙيسرين سان گڏ پوليس پڻ پهچي وئي

هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت ڪيس ٽارگيٽ ڪري راهه تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: نواز شاهه پاڏائي

منهنجو لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڪجهه قوتن يا حڪمرانن کان برداشت نه ٿيندو هجي جنهن ڪري ڪيس راهه تان هٽائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) جيئي سنڌ محاذ جي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي جي مڪلي واري رهائشگاهه تي نامعلوم موٽر سائيڪل سوران پاران فائرنگ ڪري علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکيڙي ڇڏيو، اطلاع ملڻ تي وڏي تعداد ۾ ڪارڪن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي درگاهه شاهه عقيق تي حاضري، ڪارساز جي شهيد حمزو ماڪڙو جي مزار تي چادر چاڙهي گل نڇاور ڪري دعا گهري

پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سجاول جي صدر ۽ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز رئيس محمد علي خان ملڪاڻي درگاهه شاهه عقيق پهتو

ڪارساز سانحي جي شهيد حمزو ماڪڙو جي مزار تي حاضري ڀري، چادر چاڙهي، گل نڇاور ڪري دعا گهري

آمين خليفو، حڪيم شاهه، ارسلان ميمڻ، صادق سولنگي، ناشاد ملاح، اسماعيل منگسي، ولي محمد جت سميت پارٽي ڪارڪنن جو وڏو انگ پڻ موجود هو

چوهڙجمالي (رپورٽ: شاهدحسيني) صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي درگاهه شاهه عقيق تي حاضري، ڪارساز جي شهيد حمزو ماڪڙو جي مزار تي چادر چاڙهي گل نڇاور ڪري دعا گهري پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سجاول جي صدر ۽ صوب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

روهڙي ويجهو پٽڻي پوليس ريلوي لائن تي خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ عورت کي بچائي ورتو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ويجهو پٽڻي پوليس ريلوي لائن تي خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ عورت کي بچائي ورتو، عورت جي دانهن تي سندس مڙس گرفتار تفصيل موجب روهڙي ويجهو پٽڻي ٿاڻي جي حد ۾ گذريل ڏينهن گهرو پريشاني ۽ مبينا تشدد سبب ريلوي جي پٽڙي تي ويهي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ عور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سنڌ ۾ سنڌي ٻولي نه پڙهائيندڙ اسڪولن تي سخت ڪاروائي ڪئي وڃي؟: ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ

ٻولي قومن ۽ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ هوندي آهي، سنڌ ۾ خاص ڪري نجي اسڪول اهڙي نفرت جو ٻج پوکي رهيا آهن، جنهن کي ٻنجو ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٺٽو جي هڪ اهم ادبي ويهڪ جيڪا شاهه جي پارڪو ۽ نامور شاعر ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ جي صدارت ۾ ٿي گذري

پروگرام جي شروعات انور آرزو ميمڻ جي سريلي آواز ۾ شاهه جي سر ڪنيات مان وائيءَ سان ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سنڌ ۾ سنڌي ٻولي نه پڙهائيندڙ اسڪولن تي سخت ڪاروائي ڪئي وڃي؟ ٻولي قومن ۽ ڌرتيءَ جي سڃاڻپ هوندي آهي، سنڌ ۾ خاص ڪري نجي اسڪول اهڙي نفرت جو ٻج پوکي رهيا آهن، جنهن کي ٻنجو ڏيڻ جي س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

پ پ پ ضلع ٿرپارڪر پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ ضلعي ڪائونسل هال مٺي ۾ هڪ تقريب ڪرائي وئي

جنهن ۾ سانحي جي شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ قرآن خواني ۽ دعائون گهريون ويون ۽ کين شاندار خراج تحسين پيش ڪيو ويو

وڪيل ڪنور امر، ناشاد رضوان، سنجڻ مالهي، نبي بخش درس سميت ضلعي ۽ تعلقي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت

ڪارساز سانحي جا شهيد اسان جو فخر آهن، جن پنهنجي جانين جو نذرانو ڏئي جمهوريت جي بالادستي، آئين جي بقاءَ ملڪ ۾ عوامي راڄ جي بحالي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) پ پ پ ضلع ٿرپارڪر پاران ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ ضلعي ڪائونسل هال مٺي ۾ هڪ تقريب ڪرائي وئي، جنهن ۾ سانحي جي شهيدن جي درجن جي بلندي لاءِ قرآن خواني ۽ دعائون گهريون و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

18 آڪٽوبر صرف تاريخ ناهي، عوامي محبت، جمهوريت ۽ لازوال جدوجهد جي علامت آهي: پ پ اڳواڻ تاج محمد وساڻ

18 آڪٽوبر جو ڏينهن پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ ناقابل فراموش ڏينهن آهي

هي صرف هڪ تاريخ ناهي پر عوامي محبت، جمهوريت، بهادري ۽ لازوال جدوجهد جي علامت آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) 18 آڪٽوبر صرف تاريخ ناهي، عوامي محبت، جمهوريت ۽ لازوال جدوجهد جي علامت آهي: پ پ اڳواڻ تاج محمد وساڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ تاج محمد وساڻ چيو آهي ته 18 آڪٽوبر جو ڏينهن پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ هڪ ناقابل فراموش ڏينهن آهي، هي صرف هڪ تاريخ ناهي پر عوامي محبت، جمهوريت، بهاد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سنڌياڻي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس

اجلاس ضلعي آرگنائيزر مهرين پٽي جي صدارت ۽ مرڪزي اڳواڻ ناهيد جوکي جي موجودگي ۾ گهارو فلٽر تي ٿي گذريو

جنهن ۾ سنڌياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سنڌياڻي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو اهم اجلاس ضلعي آرگنائيزر مهرين پٽي جي صدارت ۽ مرڪزي اڳواڻ ناهيد جوکي جي موجودگي ۾ گهارو فلٽر تي ٿي گذريو، جنهن ۾ سنڌياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

جانب آباد جي رهواسي پورهيت نوجوان محمد حسن ناپر روهڙي پريس ڪلب پهچي احتجاج

سندس گهر تي بنا اجازت داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي جاني نقصان پهچائڻ جو خطرو پيدا ڪيو پيو وڃي

بااثرن جي مبينا حرڪتن سبب هو ۽ سندس گهرياتي سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن

روهڙي (رپورٽر) روهڙي پرسان دبر ٿاڻي جي حد ڳوٺ صفر ناپر ديهه جانب آباد جي رهواسي پورهيت نوجوان محمد حسن ناپر روهڙي پريس ڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

نئون ڪوٽ جي نيو حريم گارڊن هال ۾ آبادگارن جي سهولت ۽ ڄاڻ بابت هڪ رنگارنگ تقريب منعقد

تقريب ۾ نئون ڪوٽ ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن مان وڏي انگ ۾ آبادگارن، زميندارن، شهرين ۽ معزز شخصيتن شرڪت

سيٺ چيتن داس اينڊ سنز پاران تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن، شهرين، آبادگارن ۽ معزز شخصيتن جا ٿورا مڃيا ويا

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) نئون ڪوٽ جي مشهور سيٺ چيتن داس اينڊ سنز (نيا سويرا) پيسٽيسائيڊ اينڊ فرٽيلائزر ايجنسي نئون ڪوٽ پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ميرپورخاص ۾ پ پ پ ڪارڪنن جو احتجاج، نوڪرين ۾ مبينا وڪرو ۽ ڪرپشن جي جاچ جو مطالبو

مستحق پارٽي ڪارڪنن کي نظرانداز ڪري مليل 981 نوڪرين مان 500 کان وڌيڪ نوڪريون مبينا طور وڪرو ڪيون ويون آهن

هنن ايم اين اين ايم پي ايز ۽ ٽائون چيئرمينن تي پنهنجن ماڻهن کي نوازڻ، ڪاغذن ۾ ترقياتي ڪم ڏيکارڻ ۽ ڪرپشن جا سنگين الزام پڻ هڻيا

ميرپورخاص (بيورو بيوروچيف سومارسميجو) حورين بينڪيوٽ ۾ 18 آڪٽوبر سانحي ڪار ساز جي ياد ۾ منعقد ڪيل پروگرام دوران پ پ پ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

زميندار قادر بخش نظاماڻي جي سارين جي ديري ۽ اوطاق کي مبينا طور جوابدارن باهه ڏئي ڇڏي

جنهن جي نتيجن هڪ سئو مڻ ساريون 5 هزار مڻ سارين جو پلال سڙي رک ٿي ويو

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو ڳوٺ حاجي محمد رحيم رند ۾ زميندار قادر بخش نظاماڻي جي سارين جي ديري ۽ اوطاق کي مب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

مٽياري شهر جي موسا محلا جي رهواسي ارسلان ميمڻ سٽي پريس ڪلب مٽياري پهچي احتجاج

6 سال اڳ مون ٽنڊو آدم مان شادي ڪئي هئي

منهنجي گهرواري کي اڳ ئي هڪ نياڻي هئي جيڪا هو پاڻ سان گڏ وٺي آئي هئي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) مٽياري شهر جي موسا محلا جي رهواسي ارسلان ميمڻ سٽي پريس ڪلب مٽياري پهچي ڏانهيو آهي ته 6 سا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڏنڊو روڊ وٽ تيز رفتار ڪار روڊ پرسان گاڏي جي انتظار ۾ ويٺل مسافرن مٿان چڙهي وئي

نتيجي ۾ ماءُ پٽ سميت 2 ڄڻا فوت 3 زخمي

والجي ۽ جيوڻ ڪولهي شامل ٽنڊوغلام حيدر پوليس ڪار کي ڊرائيور سميت تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو مين حيدرآباد_بدين روڊ تي ڊوڪياه واهه موري بس اسٽاپ پرسان ڏنڊو روڊ وٽ تير ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڪراچي ۾ مگريا برادري لاءِ شيلٽر هوم جو افتتاح، مرڪزي صدر مير علي نواز مگريو جي شرڪت

آل سنڌ مگريا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر مير علي نواز مگريو پٽائي آباد ڪراچي پهتا

مگريا ويلفيئر ايسوسيئيشن جي شيلٽر هوم جي افتتاحي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي ۾ مگريا برادري لاءِ شيلٽر هوم جو افتتاح، مرڪزي صدر مير علي نواز مگريو جي شرڪت آل سنڌ مگريا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ملير يوسي مراد ميمڻ نوبت شاهه سومار ڪنداڻي ڳوٺ جي تاريخي قبرستان تي قبضي جي ڪوشش، ڳوٺاڻن جو سخت احتجاج

قبرستان جي مقدس زمين تي ڪنهن به قبضي کي خون جي آخري قطري تائين روڪيو ويندو

سڄي ڪراچي تائين پکيڙيو ويندو، جنهن جي سڄي ذميواري ضلعي انتظاميه ۽ قابض مافيا تي هوندي

ڪراچي (رپورٽر) ملير يوسي مراد ميمڻ نوبت شاهه سومار ڪنداڻي ڳوٺ جي تاريخي قبرستان تي قبضي جي ڪوشش، ڳوٺاڻن جو سخت احتج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

الطاف حسين تنيو کي انساني حقن واري ڪاتي پاران ضلعي ٺٽي لاءِ فوڪل پرسن جي اضافي ذميواري ملڻ تي مبارڪباد

رنگ، نسل، ٻولي، ذات پات، مذهب ۽ ٻين سمورن امتازن کان مٿانهون ٿي انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي: الطاف حسين تنيو

انساني حقن جو تحفظ صرف سرڪاري ادارن جي ذميواري ناهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) عالمي انساني حقن جي تنظيم انٽرنيشنل هيومن رائٽس موومينٽ جي باني ۽ عالمي چيئرمين محترم رانا بشارت علي خان، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو-جوهي روڊ تي ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر، معصوم ٻار سميت 4 ڄڻا سخت زخمي

سالار گوپانگ ۽ معصوم پٽ سهيل جي حالت ڳڻتي جوڳي

دادو اسپتال مان سيوهڻ ريفر، ٽرالر پوليس تحويل ۾، ڊرائيور فرار، وارثن جو انصاف جو مطالبو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو-جوهي روڊ تي تيزرفتار ٽرالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ گوپانگ برادريءَ جي هڪ ئي گهر جا 4 ڀ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي سنڌ جي اهتمام هيٺ نمائش گرائونڊ سکر ۾ ٻن ڏينهن وارا "شيرِ سنڌ ڪوڏي ڪوڏي" جا مقابلا منعقد

جن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي رانديگرن تي مشتمل ٽيمن حصو ورتو ۽ پنهنجي راند جي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

فائنل مقابلي ۾ سنڌ جي ٽيم شاندار ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندي ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ شيرِ سنڌ جي ٽرافي پنهنجي نالي ڪري ورتي

فائنل تقريب جو خاص مهمان راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي سنڌ جو سيڪريٽري منور علي مهيسر هو

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) حڪومت سنڌ جي هدايتن تي علائقائي ۽ روايتي راندين جي واڌاري ۽ نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي سنڌ جي اهتمام هيٺ نمائش گرائونڊ سکر ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ميرپورخاص سينٽرل جيل جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ سميت ٻن اهلڪارن کي ڪراچي هيڊڪوارٽر رپورٽ ڪرڻ جا حڪم

ٻنهي اهلڪارن کي ايندڙ حڪم تائين انسپيڪٽر جنرل سنڌ جيل کاتي ۽ اصلاحي خدمتن جي ڪراچي آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

حڪم نامي جون ڪاپيون ڊي آءِ جي جيل کاتو حيدرآباد، انچارج سينٽرل جيل ميرپورخاص سميت لاڳاپيل اختيارين ڏانهن پڻ اماڻيون ويون آهن

ٻنهي اهلڪارن کي 19 آڪٽوبر 2026ع تي ڪراچي هيڊڪوارٽر ۾ رپورٽ ڪرڻ جو پابند ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) انسپيڪٽر جنرل سنڌ جيل کاتي ۽ اصلاحي خدمتن پاران سينٽرل جيل ميرپورخاص جي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ اسمت الله برڙو ۽ پرزن ڪانسٽيبل شاڪر علي کي فوري طور ڪراچي هيڊڪوارٽر رپورٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24



INSPECTORATE GENERAL SINDH
PRISONS & CORRECTIONS SERVICE
No.HRJ- 26871/75
Dated: 17.10.2026

ORDER

Following JPOs of Central Prison and Correctional Facility Mirpurkhas are hereby directed to report to the Inspectorate General SP&CS, Karachi with immediate effect and until further orders.

1. Deputy Superintendent Mr. Asmatullah Buriro
2. Prison Constable Shakir.

Sd/-
(FIDA HUSSAIN MASTOI)QPM, PSP

A copy is forwarded for information to:
1. The D.I.G Prisons Hyderabad.
2. The Officer Incharge Central Prison & Correctional Facility Mirpurkhas. He is requested to relieve the above named JPOs with direction to report at Inspectorate General SPCS Karachi on 19.10.2026 without fail.
3. PSO to Honourable Minister for Prisons & CS, Sindh.
4. PSO to Inspector General of Prisons & CS Sindh.
5. Office order file.

(GHULAM ASGHAR LEGHARI)
OFFICE SUPERINTENDENT-II
Inspectorate General SPCS

پي پي ايڇ آءِ زون منظور احمد پراونشل مئنيجمينٽ سروسز مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرن جو نوٽيس

مئنيجر ميڊيڪل آفيسر هيڊ ڪوارٽر ڊاڪٽر سنيل ڪمار ۽ مانيٽرنگ آفيسر پريچي مل سان گڏ مختلف شعبن جو جائزو ورتو

پرائمري هيلٿ سينٽر محمود آباد جي انچارج سينئر ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر پرديپ ڪمار هن مهيني جي رڪارڊ تي بريفنگ ڏني

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ضلعي مئنيجر پيپلز پرائمري هيلٿ ڪيئر انيشيئيٽوز (پي پي ايڇ آءِ) اي زون منظور احمد (پراونشل مئني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڏگهڙي پرسان تيز رفتار ڪوسٽر جو ڪار سان ٽڪر، هڪ فوت، 3 ڄڻا زخمي

جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو سيد شيراز علي شاهه فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس گهرواري ۽ ڌيءَ سميت ٽن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن

حادثي جو شڪار ڪار اين سي وي ڊي حيدرآباد جي عملي جي هئي، جيڪي جهڏو مان واپس اچي رهيا هئا ته باءِ پاس وٽ تيز رفتار ڪوسٽر جي زد ۾ اچي ويا

ٽڪر ايترو شديد هو جو ڪوسٽر پڻ اونڌي ٿي پئي، جنهن سبب ان ۾ سوار مسافرن مان به ڪجهه ڄڻا زخمي ٿي پيا

ميرپورخاص (بيورو بيوروچيف سومارسميجو) ڏگهڙي پرسان ميرواهه روڊ تي باءِ پاس وٽ تيز رفتار ڪوسٽر ڪار سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو سيد شيراز علي شاهه فوت ٿي ويو، جڏهن ته سندس گهرواري ۽ ڌيءَ سميت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڏڙي ٽائون جي چيئرمين طرفان سانحه ڪارساز جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ شهيدن جي مزار تي حاضري

شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڏگهي جلاوطني ختم ڪري ڏيهه پهتي ته ڪراچي ۾ لکين ماڻهن سندن جو شاندار استقبال ڪيو: شاهرخ انور سيال

محترمه جو قافلو جيئن ئي ڪارساز تي پهتو ته هڪبئي پٺيان ٻه زوردار ڌماڪا ٿيا جنهن ۾ 200 جانثار ۽ ڪارڪن شهيد ٿيا

500 جي لڳ ڀڳ ڪارڪن زخمي ٿيا، اڄ انهن شهيدن جي 19 هين ورسي آهي، جن کي اسين پيٽا پيش

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) ڏڙي ٽائون جي چيئرمين شاهه رخ انور سيال طرفان سانحه ڪارساز جي شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو پهچي سانحه ڪارساز جي گمنام شهيدن جي مزار تي حاضري ڀري گلن جون چا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

گهارو جي عيدگاهه تي يارهين شريف جي بابرڪت روحاني محفل، پير طريقت رهبر شريعت پير دلبر سائين ماتلي وارو خطاب

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) گهارو جي عيدگاهه تي يارهين شريف جي سلسلي ۾ هڪ روحاني، پُرنور /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪراچي: مولا عيسيٰ ڳوٺ ۾ صالح چنا جي وفات، پ پ اڳواڻ تاج محمد وساڻ جي تعزيت

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي: مولا عيسيٰ ڳوٺ ۾ صالح چنا جي وفات، پ پ اڳواڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

بدين جو انجنيئر ملڪ محمد مزمل پي سي بي حيدرآباد ڊويزن جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو

نوابشاهه سان تعلق رکندڙ افضل خالد حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جو صدر چونڊيو ويو

خالد رستماڻي جي پينل وڏي اڪثريت سان چونڊ کٽي، چونڊ نيشنل اسٽيڊيم ڪراچي ۾ ٿي

جنهن ۾ سنڌ جي ستن ضلعن جي عهديدارن حصو ورتو، انجنيئر ملڪ محمد مزمل جي ڪاميابي کي بدين ضلعي لاءِ هڪ اهم اعزاز قرار ڏنو پيو وڃي

بدين (رجب راهمون) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (پي سي بي) ريجنل اليڪشن 2026 ۾ بدين ضلعي سان تعلق رکندڙ انجنيئر ملڪ محمد مزمل حيدرآباد ڊويزن ڪرڪيٽ جي جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي وڏي اڪثريت سان ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

سجاول، مبينا پوليس چڙهائي، 8 گهر ڊاهي باهه ڏيڻ جو الزام، متاثر ڳوٺاڻن جو احتجاج

سجاول لڳ ڀڏو ٽالپر پرسان ڳوٺ انور ماڇي ۾ مبينا پوليس چڙهائي دوران 8 گهر ڊاهي انهن کي باهه ڏئي سامان ۽ قيمتي مال تباهه ڪرڻ جو ڳوٺاڻن الزام هنيو

واقعي خلاف متاثر ڳوٺاڻن مردن ۽ عورتن احتجاج ڪندي اعليٰ اختيارين کان شفاف جاچ ۽ نقصان جي ازالي جو مطالبو ڪيو

حسن ماڇي نالي هڪ شخص پوليس کي گهربل آهي، جنهن کان هنن لاتعلقي اختيار ڪري ڇڏي آهي ۽ اهو گذريل ٽن سالن کان سندن ڳوٺ ۾ به نٿو رهي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول، مبينا پوليس چڙهائي، 8 گهر ڊاهي باهه ڏيڻ جو الزام، متاثر ڳوٺاڻن جو احتجاج سجاول لڳ ڀڏو ٽالپر پرسان ڳوٺ انور ماڇي ۾ مبينا پوليس چڙهائي دوران 8 گهر ڊاهي انهن کي باهه ڏئي سامان ۽ قيمت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

گمبٽ ٻيرلو کان نڪتل ڌرتي مارچ ريلي عامر نواز وڙائچ جي اڳواڻي ۾ گمبٽ قومي شاهراهه افضل چونڪ تي پهتو

گمبٽ (رپورٽر ر) گمبٽ ٻيرلو کان نڪتل ڌرتي مارچ ريلي عامر نواز وڙائچ جي اڳواڻي ۾ گمب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

گمبٽ سڄي سنڌ جيان تعلقي گمبٽ ۾ به اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ٿي ويو

گمبٽ (رپورٽر ر) گمبٽ سڄي سنڌ جيان تعلقي گمبٽ ۾ به اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

گمبٽ عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جي ٽيم جي ايس ايڇ او گمبٽ سان اهم ملاقات

ان موقعي تي گمبٽ ۾ امن امان جي صورتحال ۽ ڪرائم جي روڪٿام جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

گمبٽ ۾ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ ۽ ڪرائم تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، ڪنهن به ڏوهاري عنصر کي برداشت نه ڪيو ويندو

گمبٽ (رپورٽر ر) گمبٽ عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جي ٽيم جي ايس ايڇ او گمبٽ سان اهم ملاقات عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جي ٽيم سرپرست اعلاءِ مريد حسين ٽانوري صدر شير محمد ناريجو سينئر نائب صدر شهزاد ملڪ نائب صدر سليم احمد اڄڻ ايس ايڇ او گمبٽ محمد هاشم هڪڙو سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي گمبٽ ۾ امن امان جي صورتحال ۽ ڪرائم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34

ايل پي جي گئس جو سرڪاري اگهه 279.34 رپيا في ڪلو مقرر

پر مارڪيٽ ۾ مبينا طور 500 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي

سرڪاري اگهن تي عملدرآمد ڪرائڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟

ميرپور خاص (بيوروچيف سومارسميجو) ايل پي جي گئس جو سرڪاري اگهه 279.34 رپيا في ڪلو مقرر آهي، پر مارڪيٽ ۾ مبينا طور 500 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي. غريب عوام آخر ايتري مهانگي گئس ڪٿان خريد ڪري سوال/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر35